ڊائريڪٽوريٽ آف ايڊيوڪيشن، حيدرآباد ريجن
(مغربي پاڪستان) جو لئون تيار ڪرايل

# سنڌي ٻيون ڪتاب


## سنڌي ادبي بورڊ

تلڪ چاڙهي،
حيدرآباد (سنڌ)

سنڌ اسيمبلي بلڊنگ
بندر روڊ، ڪراچي.


قيمت ٠-١٣-٠

ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن، حيدرآباد ريجن
(مغربي پاڪستان) جو نئون تيار ڪرايل

پاران : ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# سنڌي ٻيو ڪتاب

## سنڌي ادبي بورڊ

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (سنڌ)
•
سنڌ اسيمبلي بلڊنگ بندر روڊ ڪراچي.

قيمت ٠-١٣-٠

ڏهون ڀيرو     جولاءِ ١٩٥٩ع     تعداد ٢٠٠٠٠

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# سنڌي ٻيو ڪتاب

## سيکاريندڙن لاءِ اشارا

مادري زبان سيکارڻ جي وقت استاد کي ٻارن جي ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ جي ڪم طرف ڌيان ڏيڻو آهي. هن ڪتاب ۾ جيڪي صحت ۽ صفائيءَ، هنرن ۽ ڌنڌن، شهريت، عام واقفيت ۽ اخلاق جون يا ٻوليءَ ٻيون آڪاڻيون ڏنل آهن، تن جي وسيلي ٻارن کي پڙهڻ ۽ لکڻ دلچسپ نموني ۾ سيکاري سگهبو.

هر هڪ سبق جي آخر ۾، منجهس ڪم آيل ٻوليءَ جا چالو محاورا، مثالي سوال ۽ ٻيون دلچسپ زباني مشقون ڏنيون ويون آهن ته انهن جي معرفت ٻار مناسب نموني ۾ لاڳيتو ڳالهائڻ ٻولهائڻ سکن ۽ پنهنجيءَ ٻوليءَ تي پورو ڪنٽرو حاصل ٿين. استاد کي گهرجي ته انهن مشقن ۽ ٽيهين سبق جي آڌار تي ٻيون به اهڙيون زباني مشقون ٻارن کي ڏئي ۽ وڌيڪ استعمال ڪرائين.

تهجي، صورتخطيءَ ۽ تلفظ جي خيال کان هر هڪ سبق ۾ سکيل نوان لفظ ٻڻ جدا ڪري ڏنا ويا آهن ته ٻارن جو ڌيان دوباره انهن جي طرف ڇڪجي وڃي.

# ٻيو ڪتاب

## سبقن جي فهرست


| نمبر | مضمون | صفحو |
|---|---|---|
| ۱- | ڏاڍي سڳورو. | ۷ |
| ۲- | ڏاڍي سڳورو (دعا). | ۹ |
| ۳- | انڊي ۽ منڊي جي آکاڻي. | ۱۰ |
| ۴- | سھي ۽ ڪڇوءَ جي ڳالھہ. | ۱۲ |
| ۵- | منھنجو لانئون. | ۱۵ |
| ۶- | اسان جو وطن. | ۱۸ |
| ۷- | پيارو پاڪستان. (بيت) | ۲۰ |
| ۸- | ڪتي ۽ سندس پاڇي جي ڳالھہ. | ۲۱ |
| ۹- | عيد جو ڏينهن. | ۲۳ |
| ۱۰- | سچ ڳالھائڻ. | ۲۶ |
| ۱۱- | سچ ڳالھاءِ. (بيت) | ۲۸ |
| ۱۲- | نورہ ماليءَ جي ڳالھہ. | ۲۹ |
| ۱۳ | ٻن ڇوڪرن جي ڳالھہ. | ۳۱ |
| ۱۴- | طوطو. | ۳۳ |
| ۱۵- | ريل (بيت) | ۳۶ |
| ۱۶- | صفائي ۽ صاف ڪپڙا. | ۳۸ |
| ۱۷- | عرب ۽ سندس عربي گھوڙو. | ۴۰ |
| ۱۸- | ڀاءُ ڀيڻ کي وڙهڻ نہ گھرجي. | ۴۲ |
| ۱۹- | اورنگزيب جو انصاف. | ۴۴ |
| ۲۰ | مندون. | ۴۷ |
| ۲۱- | مندون. (بيت) | ۴۹ |
| ۲۲- | جميلہ ڇوڪري. | ۵۱ |
| ۲۳- | گلاب جو گل. | ۵۴ |
| ۲۴- | ڏياري. | ۵۶ |

# سَبَقُ پهريون

## ڏِٺي سَگهورو

هِن ساري جَهان کي هِڪَ ڏِٺيءَ سَگهوري پيدا ڪيو آهي هُو اَسان سڀني جو خالِقُ ۽ مالِڪُ آهي. هُن پنهنجيءَ قُدرت سان زمين، آسمانُ، سِجُ، چَنڊُ ۽ تارا بڻايا آهن. هُن اَسان جي سُک ۽ آرام لاءِ پاڻي، اَناج ۽ ٻيون اَهڙيون ضَروري شَيُون اُپايون آهن.

اَللهُ پاڪُ ڏاڍو مِهرباڻُ ۽ ٻاجهارو آهي. هُو اَسان جي توڙي ٻين سڀني ساهوارن جي، ڏينهن رات، سَنڀالَ ڪري ٿو، ۽ اُنهن کي روزي رَسائي ٿو. اَسان جي ايتري سارَ نَ لَهي، تَ هُوندَ اَسين هِڪُ پَلُ بہ هِن جَڳَ ۾ جي ڪينَ سَگهُون.

هُو هَر هُنڌ حاضِرُ آهي، ۽ سَڀَ ڪي ڏِسي ٿو. تُون ۽ آءٌ هُن کي ڏِسي نَٿا سَگهُون، پَرَ هُو اَسان کي ڏِسي ٿو. پاڻَ جيڪي ڪَمَ ڪريُون ٿا، سي سَڀ هُو ڄاڻي ٿو. اَسان جا لِڪَلَ ڪَمَ بہ هُن کان ڳُجها پاڻا ڪِينَ آهن.

ڏِٺيءَ سَگهوري اَسان کي پيدا ڪيو آهي، تَ اَسين چڱا ٿِي هَلُون ۽ چڱا ڪَمَ ڪريُون. هُن اَسان جي لاءِ پنهنجو پيارو ٻانهو حَضرَتُ مُحَمَّدُ، پيغمبرُ ڪري موڪِليو، تَہ اَسان کي سَندس حُڪمَ ٻُڌائي ۽ سِچَ جي واٽ

ڏيکاري. حضرت محمد کي، الله پاڪ وٽان، جيڪي مليو سو سڀ قرآن شريف ۾ لکيل آهي. اِن لاءِ، اسان سيئي کي گهرجي ته قرآن شريف پڙهون، ۽ اُن کي سمجهي، اُن جي حڪمن تي هلون.

يا خدا! تون اسان کي سگهه ڏي، ته تنهنجن حڪمن تي هلون، بڇڙائين کان بچون، ۽ هن دنيا ۾ چڱائي ڪريون.

---

## مشق:

١. هيٺيان جملا پڙهو:

الف (١) اسان جي ايتري سار نه لهي، ته هوند هڪ پل به جي ڪين سگهون.

(٢) اُس نه نڪري، ته هوند بيمار ٿي پئون.

(٣) ٻنين کي پاڻي نه ملي، ته هوند اَنُّ پيدا ٿي ڪو نه ٿئي.

ب (١) اسان سڀني کي گهرجي ته قرآن شريف پڙهون.

(٢) توهان سڀني کي گهرجي ته بدن صاف رکو.

(٣) اسان سڀني کي گهرجي ته ڏاڍي سگهوري کي ياد ڪريون.

٢. هنن سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) ساري جهان کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟

(ب) ڏاڍي سگهوري اناج ۽ پاڻي جو اُپايو آهي؟

(ج) ڏاڍي سگهوري ڪنهن کي اسان جو پيغمبر ڪري موڪليو؟

**لفظ**: قدرت- مهربان- پاڇهارو- حاضر- حضرت- پيغمبر- قرآن شريف- بڇڙائين

---

## سَبَقُ ٻيو

# ڌَڻي سَگورو

## دُعَا

اي ڌَڻي ! نِت سَڀاجهو تُون سَائِين،
سَاري جَڳَ جو تُون مَالِڪُ سَدَائِين.

(١) ري ٿَنڀِنِ آهِ اُڀُ تو اُپايو،
سِجُ ۽ چَنڊُ پڻُ تو اُنَ ۾ ٻَڌايو،
سَهسين چمڪَنَ ٿا تارا سَدائِين....

(٢) جيڪي جَڳَ ۾ اَسين هِيْ ڏسُوْن ٿا،
اُڀَ ۽ ڌَرْتِيءَ تي جيڪي پَسُوْن ٿا،
سو سَڀاجَها ! تُون سَڀ تو بَنائِين....

(٣) آهِينَ هِڪڙو ڌَڻي تُون سَڀاجهو،
سَارَ سَڀِن جي تُون ٿي لَهِين ٿو،
ٻاجَهه جا تُون ٿو مِينهَن وَسائين....

(٤) سَائِين! توکي وَڏي سَگهه آهي،
جو ڻُ ۽ جيئُ تُنهنجو ڪو نا هي،
سنئين رستي اَسَان کي هَلائِين....

# سَبَقُ ٽِيون

## اَنڌي ۽ مَنڊي جي آکاڻي

هِڪڙو اَنڌو، واٽَ وَٺيو پئي وِيو. وَاٽَ تي هِڪڙي هَنڌِ، کَڏُون ۽ کُوبا هُئا، تَنهنڪَري اَڳتي هَلي نہ سَگھيو ۽ ويهي رَهيو. ايتري ۾، ڪَنهِن جي کَنگھڪارَ ٻُڌائين، ۽ سَمجھيائين تہ ڪو ماڻھُو پَر سان آهي. اُنَ کي رَڙِڪَري چيائين تہ ”اَدا، مُون کي هِيءُ رَستو نہ لنگھائي اَڳيرو ڪَرِين!“ هُن وَراڻي ڏِنيس تہ ”اَدا، مان مَنڊو آهيان ۽ مان پاڻَ ڏاڍَن سُورَن سان ٿو هَلان؛ سو توکي مان ڪِيئَن اَڳيرو ڪَري سَگھندُس! پَر هِڪڙو اُپاءُ آهي. تُون آهِين



ٿَلهو مَتارو؛ سو مُونکي ڪُلهي پُٺيءَ تي چاڙهہ، تہ مان توکي رَستي ميٿي

ڪري ڇڏيان. ٽنگون ٽنهنجيون ۽ اکيون منهنجيون. منهنجيون اکيون توکي ڪم اينديون، ۽ ٽنهنجا پير مون منډي کي ڪم ايندا.
ائين هڪ ٻئي جي واهر ڪري سگهنداسين."

انڌي چيو ته "ادا، ڳالهه ته واه جي ڪئي اٿيئي! اچ ته پُٺيءَ
تي چاڙهيان ۽ انهيءَ ۾ ٻنهي جو ڀلو ٿيندو." پوءِ، منڊو ويچي انڌي
جي پُٺيءَ تي چڙهيو، ۽ هڪ ٻئي جي مدد سان، ڏکيءَ وات کان
ٻئي ڄڻا لنگهي پار پيا.

## مشق:

١. هي جملا پڙهو:

الف(١) مون کي هيءُ رستو ته لنگهائي اڳيرو ڪرين!
(٢) مون کي پاڻيءَ گلاس ته ڀري پيارين!
(٣) هن غريب کي دوا ته آڻي ڏين!

ب(١) ادا، ڳالهه واه جي ڪئي اٿيئي!
(٢) اختر، مشتاق ته واه جي ڳالهه اٿيئي!
(٣) پائو، انب ته واه جا آندا اٿيئي!

٢. هنن سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) انڌي جي وات تي ڇا هئا؟

(ب) ڪنگهڪار ٻڌائين ته ڇا سمجهيائين؟
(ج) مَندي، انڌي کي ڪهڙو جوابُ ڏنو؟
(د) پوءِ ٻنهي ڄڻا ڪيئن ڪري ويا؟
لفظ: ڪڏُون ڪُوٻا- ڪنگهڪارُ- لنگهائي- اُپاءُ- واهرَ- فائدو.

---


## سَبَقُ چوٿون

# سَهي ۽ ڪڇُونءَ جي ڳالهه

هڪڙو سَهو هوندو هو، جو هَميشه پيو چوَندو هو ته "مُون جهڙو تکو جانورُ ٻيو ڪو نهي." هڪڙي ڏينهن، هڪڙو ڪڇُون مليس. اُن کي، ٻناڪ هڻي، چوَڻ لڳو ته "مان سڀني جانورَن ۾ تکو آهيان، ۽ تُون سڀني جانورَن ۾ ڍلو آهين." تنهن تي ڪڇُونءَ چيُس ته "اچُ ته شَرط ٻڌُون. پاڻُ ٻن مان، جيڪو پهرِ يائين هُن پرئين وَڻ وَٽ وَڃي پهچي، سو شَرط کٽي."

سَهي اِها ڳالهه قبُول ڪئي، ۽ ٻئي ڄڻا اُنهيءَ وَڻ ڏانهن ڊوڙيا. جڏهين سَهو ڪجُ پنڌُ ڊوڙيو، تڏهين پُٺيان نهاري ڏسي، ته ڪڇُون گهڻو پوئتي رَهجي ويو آهي دِل ۾ چيائين ته "شَرطُ ضَرُورُ مان کٽندُس، چونه ڪجُهه آرامُ ڪري وٺان!"

اِها ڳالهه ڳڻي، هِڪَ ٻُوٽي جي ڇانوَ ۾ سُمهي پيو.



ٿوري وقتَ کان پوءِ، جان کُڙي اَکِ کولي، تہ ڏِسي تہ ڪَڇُون وَڃي اُنهيءَ وَڻَ وَٽ پهتو آهي، جو شَرْطَ کٿيو ويٺو آهي.



اِهو حالُ ڏِسي، ڏاڍو شَرمِندو ٿيو. دِل ۾ چيائين تہ "اڳتي

ڪَڏهين بہ اِهڙي ٻَناڪ ڪِينَ هُنَدُس. سِيَاڻُ سَچُ چيو آهي
تہ هَٺُ نہ ڪَجي ۽ پِيَن کي گهٽِ نہ ڄاڻجي."

## مشق:

١. هيٺيان جُملا چئو:

الف (١) مان سَيِنِي جانورن مان تکو آهيان!

(٢) مان سَيِنِي چوڪَرَن ۾ هوشيار آهيان!

(٣) هي سَيِنِي اَنبن ۾ مِٺو آهي!

ب (١) اَڄُ تہ شَرْطَ ٻَڌُون!

(٢) اَڄُ تہ گهُمَڻَ هَلُون!

(٣) اَڄُ تہ رانڊِ ڪَرِيون!

ج (١) ڇو نہ ٿورو آرام ڪَري وَٺان!

(٢) ڇو نہ گهُمَڻَ هَليو وَڃان!

(٣) ڇو نہ ڪَپڙا ڌوئي وٺان!

٢. هِنن سُوالن جا جواب ڏيو:

(الف) سَهو، هَميشہ ڇا چَوندو هو؟

(ب) هِڪڙي ڏينهن، ڪير مِليُس؟

(ج) ڊوڙ جي شَرطَ، ڪنهن کٽي؟

(د) سَهي ڇو هارايو؟

لفظ: شَرْطَ - قَبُولُ - ضَرُوْرُ - حالُ - شَرْمِندو.

## سَبَقُ پَنجون

# مُنهِنجو لاٽُوُن

حَامِدُ۔ عُمَرَ! هِينئَر موڪَلَ مِلي آهي. اَڄُ تَہ ٽورِي رَاندِ ڪريُون۔

عُمَرَ۔ حَامِدَ! پَاڻَ فَقَط ٻَہ ڄڻا آهِيُون، سو ڪهِڙِي رَانـدِ

ڪَندَاسِين؟

حَامِد۔ عُمَرَ! مُون وَٽ نئُون لاٽُوُن آهي. اَڄُّ تہ اُهو ڦيرايون۔

عُمَر۔ لاٽُوُن ڪِٿي آهي؟



حَامِد۔ هِي ڏِسُّ نئُون لاٽُئون! مامي مُنهِنجي لاءِ هَالَن مَان آندو

آهي. ڏِسُّ تہ رَنگُ ڪهڙو نہ سُهڻو اَٿس! هِنَ لوهہ جي


ڇُهنبَ کي ڪُنڊ ڇٽبو آهي. مَٿي تي هِيءَ جيڪا ڇوٽي اَٿَس، اُنَ کي ٻُندِي سَڏِبو آهي.

عُمَر- ڀَلا، ڦيرائينس. ڏِسُون تَہ ڪِيئَن ٿو هَلي؟

حَامِد- چڱو، ڏِسُ. هِيءَ ڏورِي، هِن ٻُنديءَ ۾ ڦاسَائي، ڇِڪي ڪُنڊ تي ٿو آٽيانس. هاڻي، ڏورِيءَ کي ڇِڪَ ڏِيئي، ڪُنڊ تي ٿو ويڙِهيَانس. جيئَن ڏورِيءَ کي سوٽُ ڪَري ويڙهبو، تِيئَن لاٽئُون سُٺو ڦِرندو.

عُمَر- چڱو، هَاڻي هلائِينس تَہ خَبَر پَوِي.

حَامِد. هِي ڏِسُّ: ڏورِيءَ جي پُڇڙِي، پَنهِنجِيءَ چِيچَ تي ويڙهي اَٿَمَ. هَاڻي پَٽَ تي اُڇلايانسِ ٿو، جِيئَن ڪُنڊ پَٽَ تي لَڳيس. ڏِٺُءِ: ڪيئَن نہ ڀيو هَلي! اَرَڳ تہ ڪِيئَن نہ ڀيو چِلڪيسِ!



عُمَر. حَامِدَ، لاٽئُون، ڇَڙُ تَہ هِڪَ هَندِ بِيٺو آهي!

حامِد. هائو، ڏاڍي ٿڪ بُڊيو پينو آهي. هاشمَ جو لانئون ڏاڍي ڪرڙ ڪرڙ ڪندو آهي. مُنهنجي لانئين جي ساهي په گهٽي آهي. ڏِسُ نهَ اُچا پيو هَلي.

عُمَر. هاٺي بَس ڪيائين؛ اِجهو ٺوڪري. بيلي، هاڻي مان ٺو هَلايان.

حامِد. چڱو، وَٺُ؛ هَلائي ڏِسُّ. تُون هَلاءِ، تهَ پوءِ بِئَن چوڪرُن سان هلي ٿا شَرط پُڄايُون.

مشق:

١، هي جُملا پُڙهو:

(الف) جيئَن ڏوريءَ کي سوٽُ ڪري ويڙهبو، تيئَن لانئون سُٺو ڦِرندو.

(ب) جيئَن ٽڪو دوڙبو، تيئَن ڀِئُن گهرُ گهٽو پِڪرندو.

(ج) جيئَن گهٽو لِکبو، تيئَن اکر سُٺا ٿيندا.

٢، هِن لفظن جي اُبتڙ لفظ ٻُڌايو:

بينو. اُچو. وَڏي. سُٺو.

لفظ: بُندِي - ڪُندَ.

## سَبَقُ ڇهون

# اَسان جو وَطنُ

اَسين جنهن مُلڪَ ۾ رهُون ٿا، سو اَسان جو وَطنُ آهي. اَسان جي وَطنَ جو نالو آهي پاڪِستانُ. هِنَ ۾ مُسْلِمانَ، هِندُو، ڪِرِسْتانَ ۽ ٻِيُون قَومُوْن رَهَنْ ٿِيُون.

هي جيڪو اَڇو - سائو جَهنڊو ڏِسين ٿو، سو اَسان سڀني جو قومي جَهنڊو آهي. سائي رَنگَ تي چَنڊُ ۽ تارو ڪهڙو نه سُهڻو ٿو لڳي!

اَسان جو پاڪِستانُ ڏاڍو سُٺو مُلڪ آهي. مَنجهس ڪَڻڪَ، چانورن، ڪَپهَ ۽ سِڻَيءَ جي آبادِي گهڻي ٿِئي ٿي. هِتي گهاٽا ٻيلا بِه آهِن. جَبَلَ ۽ ٽَڪرِيُون بِه آهِن. کُليل مَيدانَ ۽ نَديون بِه آهِن. نَدِيُنْ ۾ سِنڌُو نَدِي سڀني کان وَڏِي آهي. سِنڌُو نَدِيءَ جا ٻَئي پاسا وَسَندڙَ ۽ آباد آهِن.

اَسان جي وَطن پاڪِستانَ جي گادِيءَ جو هَنڌُ ڪَراچِي آهي. ڪَراچِي، ڏاڍو صافُ ۽ وَڻندڙُ شَهْرُ آهي. هِن وَڏي شَهْرَ جا بَنگلا ۽ بازارِيُون، ڏِسَڻَ وَٽان آهِن. هِي، سَمنڊ جي ڪِناري تي آهي.


M. M. Khan

هِنَ ۾ نہ گهڻي گَرمِي ٿِئي ۽ نہ گهڻي سَردِي.

اَسين پَنهنجي وَطنَ کي ڏاڍو پيارو ٿا. اَسين هِن جي نَدين جو پاڻي پِيُون ٿا، ٻنين جو اَناجُ کائون ٿا، هِنَجي ٿڌِي هَوا ۾ ساهُ کڻُون ٿا، ۽ ڏاڍي سُکَ ۾ رهُون ٿا. اَسين وَڏا ٿِي پَنهنجي پياري وَطنَ جي خِدمَتَ ڪَندا سين ۽ مِحنَتَ ڪري هُنَ جو نالو ڪَڍنداسين. ڏِٺي پاڪُ، شالَ اَسان جي مِٺي وَطنَ کي آباد رَکي!

## مشق:

١. هيٺيان جُملا پڙهو:

الف (١) ڪراچيءَ جا بَنگلا، ڏِسَڻَ وٽان آهن. (٢) سکَرَ جا باغَ، گهُمَڻَ وٽان آهن. (٣) حيدَرآباد جو شَهرُ، ڏِسَڻَ وٽان آهي.

ب (١) ڏِٺي، شالَ اَسان جي وَطنَ کي آباد رکي! (٢) ڏِٺي، شالَ توکي سويارو ڪري! (٣) ڏِٺي، شالَ اَسان کي نيڪُ ڪَري!

٢. (الف) اَسان جي مُلڪ جو نالو ڇا آهي؟

(ب) سڀ کان وَڏِي نَدِي ڪهڙي آهي؟

(ج) پاڪستان جي گادِيءَ جو هَنڌُ ڪِٿي آهي؟

(د) وَڏا ٿِي، اَسين ڇا ڪَندا سين؟

لفظ: پاڪِستان - جهنڊو - وَڻندڙ - بَنگلا - بازاريُون - وَطنُ - خِدمَتَ.

## سَبَقُ سَتون

# پيارو پاڪستان

وَاهَ ! پيارو پاڪِستانُ،
سَرسُ سُونهَارو پاڪِستانُ.
مُنهنجو وَطن تو جَڳَ ۾ سُونهي،
آهِ نِيارو پاڪِستانُ.
سَاهُ اُنِهيءَ تان گهوري ڏِيندُسِ،
جِيءَ جو جِيارو پاڪِستانُ.
چوڏِهينءَ جي چَنڊ وانگُرُ چِمڪِيو،
جَلوي وارو پاڪِستانُ.
نيڻَ ٺَرَن ٿا ڏِسَندي تِنهِن کي،
سُهڻو سِتارو پاڪِستانُ.
شانَ سَان رَهَندو جَڳَ ۾ دَائِمُ،
شَالَ ڪرَارو پاڪِستانُ.
يَا رَبَّ ! پَنهنجي فَضلَ سَان هَردَمُ،
رَکُ سوڀارو پاڪِستانُ!


## سَبَقُ اَٺون

# ڪُتي ۽ سَندس ڀاڇي جي ڳالهه

هِڪڙي ڪُتي، وَاھَ جي ڀَرتان، گوشتَ جو ٽُڪر لَڌو هو. پَرَ، اُتي ٻِيَا ٻِه ڪُتا بيٺا هُئا؛ ڏَپُ ٿِيس تَه مَتان اِهي مُون کان کَسِي وَڃن؛ سو گوشتُ وَاتَ ۾ جَهلي، وَاھَ جي ڀَرِينءَ ڀَر ڪاٺَ لاءِ ڪَٽِي ٿي وِيو.



وِچ پاڻِيءَ ۾ پَنهنجو پاڇو ڏِسِي، ڀَانيائِين تَه هِيُ ڪو ٻيو ڪُتو، گوشت وَاتَ ۾ کَنيو ٿو وَڃي؛ ۽ لوڀُ ٿِيُس تَه اُهو ٻِ هِنَ کان کَسي وٺان.



اِها ڳالهہ ڳنڍي، ڇهڙو وَاتُ ٻَني، اُنَ کان گوشتُ ٽي ڪَسيائِين، ڇهڙو سَندَس وات وارو ٽڪر بہ وِچي پاڻيءَ ۾ ڪِري پيو.



ڪيتِرو بہ ڳولِيائين، پَرَ اُهو موِٽي هَٿ نہ آيُس. لوڀُ ڪَري، جيڪِي اَڳي هوس، سو بہ وِڃائي ڇَڏِيائين.

لوڀُ هِڪڙو وَڏو اَوَگُڻ آهي، جو ماڻهوءَ کي نيٺ ڇيهو ڏو پهچائي. ڏَيُڻ سَگوري جيڪي ڏِنو هُجي، تِنهِن تي رَاضي

رهجي. جيڪي ماڻهو ٻين جا تاڪائو ٿيندا آهن، سي جيڪي وٽن هوندو آهي، سو به وڃائيندا آهن؛ جيئن ته، ڇيو اُتن ته اڌ ڪي ڇڏي، جو سڄيءَ ڏي ڊڪي، تنهن کي سڄي ته نه ملي، پر اڌ ڪان به سڪي."

## مشق:

١. هي جملا ڇئو:

الف (١) جهڙو واتُ پنيائين، تهڙو گوشتُ وجي پاڻيءَ ۾ پيو.

(٢) جهڙو تڪڙو ٿي ڊوڙيو، تهڙو پير کسڪي ويس.

(٣) جهڙو پٽَ تي ٿي سُتو، تهڙو وِڇُونءَ ڏنگي وڌس

٢. ڪُتي ۽ سندس پاڇي جي ڳالهه ڪري ٻڌايو.

لفظ: پاڇو- پانيائين- ڪسيائين- لوڀُ- ڇيهو- اُوگڻ- تاڪائو.

---

## سَبَقُ نائون

# عِيدَ جو ڏِينهُن

اُستاد. صُبحائي، عِيدَ جو ڏِينهُن آهي. اِسڪُول بند رهندو. عِيدَ، مُسلمانن جو وَڏو ڏِينهُن آهي.

شاگرد- سائين! عيد ڇو ملهائبي آهي؟

اُستاد- رمضان جي مهيني ۾، مسلمان روزا رکندا آهن ڏينهن جو روزي ۾ نه ڪجهه کائبو آهي ۽ نه ڪجهه پيئبو آهي. روزا پورا ٿين، ته عيد ملهائبي آهي.

شاگرد- بابا چيو ٿي ته اڄ شام جو چنڊ ڏسبو.

اُستاد- هائو، اڄ ٽيهه ئي روزا پورا ٿيا: سو چنڊ ضرور ڏسڻ ۾ ايندو.

شاگرد- سائين! عيد جي ڏينهن ڇا ڪبو آهي؟

اُستاد- عيد، خوشيءَ جو ڏينهن آهي. غريب توڙي شاهوڪار سٺا ڪپڙا پائيندا آهن، ۽ خوشبوءِ لڳائيندا آهن. بار نوان ويس، سُٺيون جُتيون ۽ نيون ٽوپيون پائي، خوش ٿيندا آهن. سڀ مسلمان، عيدگاهه ۾ گڏ ٿي، نماز پڙهندا آهن. نماز کان پوءِ، هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي، عيد مبارڪ ڏيندا آهن. عيد جي ڏينهن، چڱو کاڌو کائبو آهي، ۽ مٽن مائٽن ۽ دوستن ڏي ٻه موڪلبو آهي. غريب غربن ۽ يتيمن کي ٻه خيرات ڏبي آهي.

شاگرد- سائين! عيدون گهڻيون ٿينديون آهن؟

اُستاد. رَمضانَ جي روزَن وارِيءَ عِيدَ کان ٻہ مَهينا ۽ نَوَ ڏِينهَن
پوءِ ٻِي عِيدَ بہ اِيندِي آهي. اُنَ کي حَجَّ جِي عِيدَ چَوَندا
آهِن. کي ٻَاڪرِي عِيدَ بہ کَري چَوَنِس. اُنهيءَ عِيدَ
تي، مِڻَن مائِٹَن ۽ غَرِيبَن ۾ گوشتُ وِرهائِبو آهي. اُها
عِيد، ذُوالحَجَّ مَهِيني جي ڏَهِينءَ تارِيخَ مَلهائِبي آهي.
شاگِرد. سَائِين! اُن عِيدَ تي بہ نِمازَ پَڙهِبي آهي يَا نہ؟
اُستاد. هَائو، حَجَّ وَارِيءَ عِيدَ جِي بہ نِمازَ پَڙهندا آهِن.

# بَيت

(١) ٿِئِي ٿو وَڏو ڏِينهَن ڪوئِي جَڏهن،
ٿِين بَندِ اِسڪُولَ ٿا سَڀ تَڏهن.
(٢) اَچِي جي ڏِيَارِي، ٿِئِي عِيدَ ڪَا،
تہ ڏاڍا اَسان لَءِ ٿِيَن ٿا مَزَا.
(٣) رَهُون رَاندِ ۾ دِل کي خُوشُ ٿا کَرِيُون،
نَوان وِهنِجِي ٿا پوءِ کَپڙا ڍَڪِيُون.
(٤) خُوشِين ۾ سَڄو ڏِينهن رَهُون ٿا لَڳا،
مَلهايُون وَڏو ڏِينهُن اِنَ رِيٿِ ٿا.

مشق:

١. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) مسلمان، روزا ڪهڙي مهيني ۾ رکندا آهن؟

(ب) عيد جي نماز ڪٿي پڙهبي آهي؟

(ج) عيد جي ڏينهن ڇا ڇا ڪبو آهي؟

(د) عيدون ڪهڙيون ٿينديون آهن؟

٢. عيدگاه تي تو ڇا ڏٺو؟

لفظ: عيد- رمضان- ملهائبي- شاهوڪار- مبارڪ- غريب غربن- يتيمن- خيرات- ذوالحج

---

## سَبَقُ ڏهون

# سَچُ ڳالهائڻُ

اوهان، سَيِّدَ عَبدُالقادِرَ جيلانيءَ جو نالو ٻُڌو هوندو ۽ اُن کي، پيرانُ پيرُ بہ چوندا آهن. هُو، ننڍي هُوندي، پڙهڻُ لاءِ بغداد ڏانهن ٿي ويو، تہ ماڻس ڏهہ اشرفيون (سونيون مهرون) ڪُرتي ۾ سِبي ڇڏيس، ۽ هلندي چيائينس تہ پُٽ، ڪُوڙُ ڪڏهين بہ نہ ڳالهائج.

هِيءُ رِنيگَر، جيئَن قافلي سَان گَڏِيو پِئي وِيو، تيئَن وَاٽَ تي چورَ ڦِرِي آيَنِ. سَيِنِي کي ڦُري فَقِير ڪَري ڇَڏِيائُون. نَندِڙي عَبدُالقَادِرَ جا ٽَيِرَ ڦولِهيَائُون، تَ ڪُجھ بہ هَٿِ نَ آيُنِ. پُڇِيَائُونسِ تَ "تو وَٽِ ڪُجھ آهي؟" چَيائِين تَ "هَائو، ڪُرتي ۾ ڏَهَ مُهْرُون سِبيَلَ آهِن." ڪُرتو ڄاڇِيائُون، تَ سَچُ پَچُ مُهْرُون نِڪِري آيُون. چورَن جي سَرْدَارَ چَيُس تَ "تُون ڪو ڏَاڍو ڀَميلو آهِين! نَ ٻُڌَائِين هَا تَ اَسَان کي خَبَر ئِي ڪَا نَ پَوي هَا، ۽ تُنهنجِيُون مُهْرُون بَچِي پَوَن هَا." سَچَارَ ڇوڪَرَ جَوَاب ڏِنُس تَ "اَمَّا چَيو هوم تَ ڪُوڙُ ڪَڏِهِن بہ نَ ڳَالهَائِج. مُهْرُون اَوهَان کي گُهُرجَن، تَ ڀَلي کَڻِي وَڃو." هُن جي سَچَ ڳَالهَائِڻ تي چورَ وَائِڙا ٿِي وِيا. سَندَس هَٿُ چُمِي، عِزَّتَ ڪَرَڻَ لَڳا، ۽ اَڳتي چورِيءَ ڪَرَڻَ کَان توبَهَ ڪَيائُون. ڏَاهَنَ چَيو آهي تَ "سَچُ تَ بِيٺو نَچُ، ڪُوڙَ جي مُنهَن ۾ ڌُوڙِ."

## مشق:

١، هيٺيان جُملا پَڙهو:

الف (١) ڪُوڙُ، ڪَڏِهِن بہ نَ ڳَالهَائِج.

(٢) ڳنڍلائي، ڪڏهن به نه ڪَج. (٢) دير سان ڪڏهن به نه اَچج.

ب (١) سيٺ کي ڦري، فقير ڪري ڇڏيائون (٢) پٽن کي ڪُٽي، اَتو ڪري ڇڏيائون. (٣) اَڱرن کي ٻاري، رَکَ ڪري ڇڏيائون.

٢، سيد عبدالقادر جي ڳالهه ٻڌايو.

**لفظ:** عبدالقادر - اشرفيون - فقير - ڳالهائج - ڦولهيائون - عزت - واپٽرو.

---

## سبقُ يارهون.

# سچُ ڳالهاءِ.


(١) آءٌ نه ڪڏهين ڪُوڙو ٿيندس،
ساٿُ سدائين سچ تي ڏيندس.
(٢) ڪُوڙُ چوان تان پَتِ وڃايان،
هِتي هُتي نِتُ پاڻُ لڄايان.
(٣) سيئي "ڪُوڙو ڪُوڙو" چوندَمِ،
پاسي مِ پوءِ وِهڻ نه ڏيندَمِ.
(٤) سچ چوڻ سان مِلندُمِ پيارُ،
ڪڏهين ٿيندس ڪين خوار.
(٥) مون کي ڏي تون سگهه ڏاتي،
سچ سان رکان دل گهاٽي!

## سَبَقُ ٻارهون

# نورَ ۽ مائيءَ جي ڳالهه

هِڪڙي مَائي پَنهنجي ٻارَ کي پينگهي ۾ سُمهاري ٻاڻَ وِيئي پَاڻي ڀَرَڻ. مَائيءَ هِڪڙو نورُ ڌاريو هو، جو گهرَ جي ٻاتِيُن سان ڏاڍو هِريِ مِريِ وِيو هو، ۽ سيڻيِ جي ساٿس ڏاڍي دِل هُوندِي هُئِي. مَائي پاڻي ڀري آئِي، تہ ڏِسي تہ گهرَ جي دَرَ وَٽ نور وِيٺو آهي، ۽ سَندُس مُنهُن ۽ ڇنبا رَتَ ۾ ٻڏِيا پيا آهِن. مَائيءَ کي شَڪُ پيو تہ نورَ مُنهنجي ٻارَ کي ماري وِڌو آهي، ۽ اُنَ جي رَت سان ڀَرِجي پيو آهي. تنهِن





تي ڪاوِڙجي، گهاگهر پَاڻيءَ جي، جا مَٿي تي هُيس، سا کڻي

نورَ تي اُڇلايائين ۽ نور کي ماري وڌائين. پوءِ گهر ۾ اَندر گهڙي، ته ڏسي ته هڪڙو وڏو نانگُ پينگهي جي پرسان مُئو پيو آهي، ۽ ٻار گهري ننڊ ۾ پينگهي منجهه سُميو پيو آهي. اُتي ڏاڍو ڏکُ ٿيس ته ويچاري نورَ جو مُون چوسَاهُ ڪيو ؛ نورَ ته پاڻَ نانگَ سَان وڙهي، مُنهنجي ٻچڙي جي جَان بَچَائِي آهي! پوءِ گهڻوئي پڇتايائين ته چو اُٻهرائي ۽ تڪڙ ڪري، نورَ کي ماريُم. اِنهيءَ ڪري، ڏاهن چيو آهي ته "تڪڙ ڪمُ شَيطَانَ جو".

**مشق :**

١. هي جُملا پڙهو :

**الف** (١) ٻارَ کي سُمهاري، پاڻ وڃي پاڻي ڀرڻ.

(٢) اِسڪول جا ڪم ڪري، پوءِ وڃو راند ڪرڻ.

(٣) ڪپڙا بدلائي، پوءِ وڃو وهنجڻ.

**ب** (١) اَندر گهڙي ڏسي، ته نانگ مُئو پيو آهي.

(٢) ٻاهر نڪري ڏسي، ته مينهن پيو پوي.

(٣) گوتريءَ ۾ هٿ وجهي ڏسي، ته روپين سان ڀري پيئي آهي.

٢، هنن سُوالن جا جواب ڏيو:

(الف) نورُ، گهر جي ماڻهن سان ڪيئن پيش ويو هو؟

(ب) نور جا چنبا ڏسي، مائيءَ کي ڪهڙو شڪُ پيو؟

(ج) مائي اندر آئي ته ڇا ڏٺائين؟

(د) بارُ پينگهي ۾ ڏسي، دل ۾ ڇا چيائين؟

**لفظ:** ڀاتين - گهاگهر- گهڙي - پڇايائين - اُڀرائي- شيطانُ.

---

# سبقُ تيرهون

# ٻن ڇوڪرن جي ڳالهه

**جعفرُ.** سائين، السلامُ عليڪم!

**اُستاد.** وعليڪمُ السّلامُ! جعفر، اندر اچُ. اسڪول ۾ ڇو دير ڪري آيو آهين؟

**جعفر.** سائين، مان ۽ عثمان اسڪول پئي آيا سين، ته واٽ تي هڪڙي ڇوڪر وٽ تان ڏڪو کاڌو. ڏڪي ۾ سندس ٻانهن مُڙي پئي، ۽ مٿو به ڦاٽي پيس. اسين اُن کي اسپتال ۾ وٺي ويا سين، تنهنڪري دير ٿي ويئي. مهرباني ڪري، معاف ڪريو.

اُستاد - شاباش ! جَعْفَرَ ، اَوَهان ڏاڍو چڱو ڪم ڪيو. ڪنهن
بِہ پاڙي واري يا ڳوٺ جي ماڻهوءَ جو ڪمُ پَوي تہ اُن
کي مَدَدَ ڪجي . عُثمان ڪٿي آهي ؟

جَعْفر - سائين اِجهو اُهو بِہ پيو اچي .

عُثمان. سائين ، اَندر اَچان ؟

اُستاد - هائو ، ڀَلي اَچ . عُثمانَ ! تو ۽ جَعْفر ، اَجُ هُن ڇوڪري
جي مَدَد ڪَئي : اِهو ثَوابَ جو ڪَمُ آهي . پَرَ تُون اَندر
آئين تہ "اَلسَّلامُ عَلَيڪُمُ" چو ڪونہ چَيُءِ ؟ مُسلمان جَڏهِن
پاڻَ ۾ مِلَندا آهِن ، تَڏَهِن هڪَ ٻئي کي سَلام ڪندا آهِن.
اِسماعِيلَ ! ڪو ماڻهُو "اَلسَّلامُ عَلَيڪُمُ" چوي تہ اُنَ کي ڪهڙو
جواب ڏجي ؟

اِسماعِيل - سائين ، اُن کي "وَ عَلَيڪُمُ السَّلامُ" چئجي .

اُستاد - شاباش ! جيڪڏهن ڪنهن کي ڪم يا ڪنهن جي
گهر وَڃجي ، تڏهن بہ سَلام ڪجي .

عُثمان - سائين ، گهرَ ۾ رُڳو زالُون ويٺيون هُجن ، تہ پوءِ ڇا چئجي؟

اُستاد - اُنهن کي "اَلسَّلامُ عَلَيڪُنَّ" چئجي . زالن کي بہ اُن جو
جواب ڏيڻ گهرجي .

هِڪ ٻئي کي سَلام ڪَرڻ سان پيارُ وڌي ٿو ۽ پاڻ ۾ مَحَبَّتَ ٿِئي ٿي.

**مشق:**

(١) هيٺين سُوالن جا جواب ڏيو:

الف. ڪنهن سان مِلجي، ته پِهرِيائين ڇا چئجي؟

ب. ٻيو ڪو "اَلسَّلامُ عَلَيڪُمْ" چوي، ته ڪهڙو جواب ڏجي؟

ج. ڪهڙي وقت سلام ڪجي؟

(٢) هيٺيان جُملا پڙهو:

الف. سَلام چَوڻ سان پيار وڌي ٿو.

ب. سَچ چَوڻ سان مَانُ ملي ٿو.

ج. مِحنَتَ ڪَرڻَ سان فائدو ٿئي ٿو.

**لفظ:** اَلسَّلامُ عَلَيڪُمْ - اِسپتالَ - ثَوابُ - اَلسَّلامُ عَلَيڪُمْ - مَحَبَّتَ.

---

## سبق چوڏهون

# طوطو

اَشرَفَ! وَڻَ تي هيءُ سائو سائو پکي ڏِسُ. اِهو طوطو آهي. ڪي ماڻهو، طوطي کي پڃري ۾ رکندا آهن. طوطي

جا پَرَ ۽ ڪَنپ سَپ سَاوا آهِن. پُڇ ڏِسينس تہ ڪيڏو نہ ڊِگهو اَٿس! چُهنبَ وَري ڳاڙهي لَعْلَ جِهڙي اَٿس. اِهَا چُهنب ڏاڍي مَضْبُوط ٿِي ٿِئَيس. اِنَ سَان سَخْت ۽ ڏاڍيون شَيُون ۾ پِڃي ڪايو وَجي. ڳچيءَ ۾ ڪارِي ڪَنٺِي اَٿس. ڏِسُّ تہ ڪِهڙِي نہ سُهڻِي پيئِي لَڳيس!

طوطو، پَنهنجَن چَنبن سَان، وَڻَ جي ٽارِيءَ کي مَضْبُوط جَهلي وينو آهي. هَاڻي ڏِسُّ تہ اُڏامي، وَڃي ٻِئي طوطي جي پَرسَان وينو آهي. ٽارِيءَ تي ڪِيئن نہ ٻيو لُڏي! ٻولي ۾ سُٺي توڪَري. طوطو، باغَن جي وَڻن ۾ رَهندو آهي. باغن جا سُٺا ۽ مِٺا ميوا کائيندو آهي. اَنبَ، صُوفَ، زَيتُونَ ۽ تُوتَ ڏَاڍَا وَڻندا اٿس. ساوا مِرچ بہ خُوشِيءَ سان کائيندو آهي. اُنهن کي پَنهنجِيءَ چُهنبَ سَان ٽُڪي کائيندو آهي. ڪَڏهين ڪَڏهين، چَنبي ۾ بہ جَهلي کائيندو آهي. طوطو ڳولي ڳولي سُٺو پاڻي پيئي، پاڻ کي بہ صَاف رَکي. گهڻا مَاڻهُو طوطن جا ٻَچا وَٺي، اُنهن کي پاليندا آهن ۽ ڳالهائڻ سيکارِيندا آهن.

تُنهنجِيءَ ڏاڏيءَ وَٽ بہ هڪ پُڙهيل طوطو هوندو هو. گهَرَ ۾ وَڃبو هو تہ اُهو طوطو "اَلسَّلَامُ عَلَيْڪُم" چَوندو هو.



وَري ٻاهر وَڃبو هو، تہ "فِيْ اَمَانِ اللهِ" يا "خدا حَافِظ" چَوَندو هو. ٻَڪَ لَڳندي هُيَس، تہ چَوَندو هو تہ "ٻيٽِيٖ، ٻيٽِيٖ، مِٺُو پُٽَ کي ميوو ڏي، مِٺُو پُٽَ کي ميوو ڏي!" ڪانگن، سِرِٽِن، جهرڪِين ۽ ڪَبَرِين جُون ٻوليُون بہ اهڙيون ياد ڪيُون هُئائين، جو جَڻُ تہ سَچُ پَچُ اُهي پيا ٻولين.

مشق:

١. هي جُملا چئو:

الف (١) ٻِچُ، ڪيڏو نہ ڏکوائَس! (٢) اسڪُولُ، ڪيڏو نہ وڏو اٿس!
(٣) سُوَادُ، ڪهڙو نہ سُنو اٿس! (٤) ڪَنِنِي، ڪهڙي نہ سُهڻي پيئي لڳيس!
(٥) ٺارِيءَ تي ڪِيئَن نہ پيو لُڏي!

ب. اَلسَّلامُ عَلَيْڪُمْ. فِيْ اَمَانِ اللهِ خُدا حَافِظ.

٢. هنن سُوالن جا جَواب ڏيو:


(الف) طوطي جو رَنگ ڪهڙو آهي؟
(ب) طوطي کي ٻيو ڇا چَوَندا آهن؟
(ج) طوطي جي چُهنبَ جو رَنگ ڪهڙو آهي؟
(د) طوطو ڇا ڇا ڳائيندو آهي؟

٣. سائي رنگ جي پَنجن شين جا نالا ٻڌايو.

لَفظ: لَعل - ڪَنِني - مَضبُوط - زَيتُون.

## سَبَقُ پندرهون

# ريلَ



اَچو تَہ نَنڍڙِي ريلَ هَلايُون،
باھِ ٻَنبُوءَ ۾ ڌُونھ دُکايُون،
ڪَري وَاءَ سان وَاھ جُون وَايُون،
”ڇَھ ڇَھ پَيسَا، ٻَہ ٻَہ پايُون“۔

۲

لوھِي ٻَندُ ٻَڌايو آھي،
ڏِسو مَتان ڪو ڦِيٿا لاھي۔

سيٽي ڪولي خُوب وَڄايُون،
"ڇهه ڇهه پيسا، ٻه ٻه پايُون".

٣

ريلَ اَچي ٿي سِنگل ڪريو،
چَاٻي سِنگلَ-گهرَ مان ڦيريو،
ٽِيشَن تي ٿا هَري هَلايُون،
"ڇهه ڇهه پيسا، ٻه ٻه پايُون".

٤

ڳاڙهي جهَنڊِي ريلَ ٻِهَاري،
سَائِي جهَنڊِي جَڏهن نِهَاري،
ڪُوڪَ ڪَندِي ٿِي چُٽي : لڳايُون،
"ڇهه ڇهه پيسا، ٻه ٻه پايُون".

٥

ريلَ اَسان جِي سُٺِي ڏاڏِي،
آهي مَٽَ ڪي مُٺِي ڏاڏِي،
جَنهن سَان گَڏِجي رَاند رَچايُون،
"ڇهه ڇهه پيسا ٻه ٻه پايُون".

## سبق سورهون

# صَفائِي ۽ صَافُ ڪَپڙا

گُڏُو، ڪهڙو نہ گدلو ٿو ڏسڻ ۾ اچين! ٻہ چار ڏينهن وِهنجڻُ ڇڏيو اٿيئي، ته ڏِسُ، ڪِهڙي نہ ٿو مان بانس پيئي اَچي! شايد ڏندڻُ بہ پورو ڪونہ ٿو ڪَرين. خَبَر اٿيئي ته وات مان ڪهڙي نہ ڪِني بانس پيئي نِڪريئي؟ پَري ٿي بيھُ! صُبحُ ٿِئي، ته ڏندڻُ ڪجي، يا ڏندن کي لوڻ يا ڪنهن ٻيءَ شيءِ سان مَهٽِجي. ڪپڙا ته ڏِسُ، ڪهڙا نہ ميرا ٿي وِيا اَٿيئي! تہ بہ مَنائِين نٿو! چَوين پيو تہ مَٿي ۾ سُور اٿم، ۽ تپ ٿو ٿئيم؛ سو ڇو نہ ٿِيندءِ؟ هي سڀ گدلائِيءَ کان اٿيئي. هاڻي وَڃ ۽ وُڃي وِهنجُ ۽ ڪپڙا اُچا ڪَر؛ هُرو ڀَرو اُجَن ڪپڙن ڪَرڻ جو ضَرُور نہ آهي. ڪپڙا سَادا ڀلي هُجن، پَر صَاف ڏوتل هُئڻ کپن. جي گدلو رَهندين، تہ پير ۾ بيهڻُ بہ ڪو نہ ڏيندءِ؛ سڀڪو پيو ڌِڪاريندءِ. اَگهو هُجين، تہ بہ ڏِهاڙي بُتُ صَاف رَکج. ائين ڪَندين تہ بيمَاري ڪانہ ٿِيندءِ؛ سَدائِين چڱو ڀلو گذارِيندين.

## مشق:

١، هي جُملا چئو:

الف (١) شايد ڏندڻُ ۾ پورهو ڪو نه ٿو ڪرين.

(٢) شايد مِهمان آيا اٿس. (٣) شايد ڏکو ڪاڏو اٿس.

ب (١) هَرُو ڀَرُو اُچَن ڪَپڙن ڪَرڻ جو ضرُور نه آهي.

(٢) هَرُو ڀَرُو اُچَن طعام کائڻ جو ضرُور نه آهي.

(٣) هَرُو ڀَرُو زور ڪَري کائڻ جو ضرُور نه آهي.

٢، هيٺين جُملن کي صَحيح نَمُوني ۾ پُورو ڪريو:

(الف) ڏندڻُ نه ڪبو، ته { ڏند پيا چلڪندا. / زبان ۾ سُور ٿيندو. / وات ۾ بانس رَتي پوندي.

(ب) روز وهنجبو، ته { بيمار نه ٿي پئبو. / بُتُ سگهو رهندو. / ڪپڙا پُسي پوندا.

لفظ: گَدلو - وِهنجَڻُ - ڏَندَڻُ - ڏِڪارِيندُءِ - گُذارِيندِين

---

# بَيتُ

(١) جَڏ گَدلائِي، ڪَر سُنائِي، تُون سَدا رَهُ اُجو،
مَلي ميٽُ لِگَن کي، تُون وِهنجِي ڏوءُ مَتو،
آڻي آبُ سُنو، مَهَت جُثي کي زور شان


(٢) مَهَڪَ جُهڙي ڪِي زور سان، تُون اُڳهي ئي اُجَلُ،
ڦِٽِي ڏِيئِي وَارَن کِي، تُون گُلاب سَندو ئِي گُل،
تَهِ پوءِ تُنهنجو مُلهه، سَرس ئِي سَرسَ آهي.

(٣) سَرسُ ئِي سَرسَ آهي، سَيئِي چَوِني آءٌ،
جي ڪا ئِندا هُوندا نول، تَهِ توکي چَوَندا ڪاءٌ،
ايڏو آدر ئِيائُ، آهي سُنائِي آهي.

---

## سبق سترهون

# عَرَبُ ۽ سَندُس عَرَبِي گهوڙو



هِڪڙي غَرِيب عَرَبَ کي، هِڪڙو عُمدو ۽ سُهڻو گهوڙو

هُوندو هو، جَنهن کي سَڀ ڪُٽنب جا ڀاتي پيار ڪندا هُئا.
هِڪڙي شاهُوڪار ماڻهُوءَ جي اکيءَ دِل ٿي ته مان اِهو گهوڙو
ڳِنهان. هِڪڙي ڏينهن، عَرَبَ کي چوائي موڪليائين ته "تون
پَنهنجو گهوڙو وِڪڻندين؟" عَرَبَ جي بالڪُلْ مَرْضِي ڪا نَه
هُئي ته ڪو گهوڙو وِڪڻان، پر پوءِ خيال آيس ته "مان آهيان
غريب، پورو ڪاٿُ لاءِ ڪينهيم. سو جيڪر پَنهنجو گهوڙو
وِڪڻي، پَنهِنجا بار ٻچا ڪُجهه وَقت سُکي رَکان!" اِهو خيال
ڪري، گهوڙو شاهُوڪار وَٽ وَٺي ويو، جَنهِن پَنج سَو
روپيا اُنَ جا ڏيڻا ڪَيَس. عَرَبَ کي پَيسي جي لوڙَ ڏاڍي
ڏاڍي هُئي، سو پئي ٻُڏو ءِ تَريو ته ڇا ڪَريان؟ روپيا
هَٿَ ۾ وَٺي ٿيءَ ۾ پَٽِجي ويو. نيٺ گهوڙي ڏي ڏاڍيءَ
سِڪَ مان نِهاري، هن کي چوَڻ لڳو ته "پيارا، مان توکي هِيئَر
لاچار ڌارِئي جي حَوالي ٿو ڪَريان. خبر نَه آهي ته هو توکي
ڪِيئَن سَنڀاليندو: سُکي رَکيئي يا ڏُکي! پَرَ ٻيلي ٻيه، هِڪ
دَفعو ته مُون سان وَرِي گهر هَلُ." اِئين چَئي، روپيا ڦِٽا
ڪري، چُپ چاپ گهوڙو موٽائي گهر وَٺي آيو.

مشق؛

(۱) ليڪ ڏنل لفظن جي اُبتڙ معنیٰ وارا لفظ وجهي، جُملا ٺاهيو:

الف. غريب عَرَبَ کي سُهڻو گهوڙو هو.

ب. شاهوڪار کي چوائي موڪليائين ته گهوڙو وڪڻندين؟

ج. پنهنجا پار ٻچا ڪُجهه وَقت سُکي رکان.

د. هن پنج سو روپيا ڏيڻا ڪيا.

ه. گدلو چو ڪر بيمار رهندو آهي.

لفظ: عُمدو - ڪُتب - ٻاتي - مُرضي - لوڙ - ڏارڻي - حوالي.

## سَبَق اَرڙهون

# ٻاءُ پيڻُ کي وڙهڻ نہ گهُرجي

سَاران. اَما، عُمَرَ کي نِتي سمجهائين: مُون سان پيو وِڙهي. مُون وَٽ گُڏي آهي، جا چَوي تو ته هَرُو پِرُو ڏِينم. صُبحَ جو به مُون سَان وِڙهندي، آرسي مُنهنجي هَٿان ڪيرائي، ڀَڃي وڌائين.

مَاءُ. اَڙي عُمَرَ، تون ته هاڻي ڏاڍو ڏِنگو ٿي پيو آهين. جَڏهين جَڏهين پيڻُ سان رَاند ڪرين، تَڏهين تَڏهين هُن سَان

وڙهين ۽ جهيڙو جنگ ڪرين. ٻاءُ ٻين آهيو ؛ توهان کي
ڪو پاڻ ۾ وڙهڻ گهرجي ؟ توهان کي هميشه هڪ ٻئي
سان پيار ڪرڻ گهرجي.

عُمَرُ- اَمِي ، مان ڇا ٿو ڪريان ؟ مان رڳو ڇوانس ٿو ته مونکي
گُڏي ڏيکار. پوءِ ڇو نٿي ڏيکاري ؟

سارا- مان ڇو ڏيکاريانءِ ؟ تون ڇو مون سان وڙهندو آهين ؟

عُمَرُ- چڱو ، نه ڏيکار. مون وٽ باجو آهي. مان وري توکي به
نه ڏيکاريندس.

سارا- نه ڏيکارج. مون اُهو ڏٺو آهي. بابي مون کي ڪاٺ اُهو
ڏنو ٿي ، پر مون نه ورتو مانس ؛ مون کي اُهو نٿي وڻيو.

عُمَرُ- چڱو ، مان مِنَّتَ ٿو ڪريانءِ ، هاڻ ته ڀلا ڏيکاريندينءِ.

سارا- عُمَرَ ، مون کي ڏيـ [illegible] ڪي نهي ڪين ٿو وَڃي تون
وڙهندو آهين ۽ ٿوري ڳالهه تي جهيڙو ڪندو آهين ،
تڏهين نٿي ڏيکاريانءِ.

هان وَٽ. جهيڙي مان ڪو فائدو آهي ڇا ؟ جهيڙي ڪرڻ
مان راندِيڪو ٽِٽي ، ۽ راند مان رَسُ به ڪين اچي. اَما به
ڪاوڙجي ۽ سيڪو چوي ته هي ڪِنا ٻار آهن!

مشق:

(۱) عُمَرُ، ساران سان ڇو پٽي وڙهيو؟

(۲) ساران، عُمَرَ کي گُذي ڇو نٿي ڏيکاري؟

(۳) ڪهڙي ٻار کي ڪيترو ٻار ڇٽبو آهي؟

لفظ: جهيڙو - هميشه - فائدو - مِنٿ - ڏيکاريان ٿو.

## سَبَق اُوڻيهون

# اَورنگ زيبَ جو اِنصَاف

اَوهان ڪَڏهن اَورنگ زيبَ عَالَمگِيرَ جو نالو ٻُڌو آهي؟ هو ڏاڍو اِنصاف وارو ۽ ديندار بادشاه هو. هِڪ ڀيري، هو ڪَشمِيرَ ڏانهن ٿي وِيو، ته وَاٽ تي آرام ڪَرڻ لاءِ هِڪڙي هَنڌ لهي پيو. اُتي هِڪڙو وڏو جهنگلُ هو، جتي گهڻن پٽي چِنو. بادشاه جي ڀِن ماڻهن، هِڪڙي مَتارِي ڍَڳي جو رَائي کُهي، پَچائي، کائي ڇَڏي.

مَجاڻ، جو اُها ڍَڳي ڪا هُئي ڪَنهن ٻُڍِڙيءَ رَنَ زالِ جي! پوڙهيءَ کي جَڏهن اِها سُڌِ مِلي، تڏهن بادشاه جو اَڳُ جهلي اَچي بيٺي. بادشاه جو گهوڙو اَچا ويجهو آيو، ته مائيءَ وَٺي گهوڙا

## گھوڙا ڪئي ۽ رُنو پٽيو.



اورنگزيبُ - ٻُڍڙي اما، توکي ڪنهن ستايو آهي؟

ٻُڍڙي - سائين. خُدا توکي بادشاهي ڏني آهي، مُنهنجو انصافُ ڪر.

اورنگزيبُ - (گھوڙي تان لهي) اما حاضر آءٌ تُنهنجو انصافُ ڪريه پوءِ اڳتي وڌندس. ٻڌاءِ ته توکي ڪنهن ڏُکويو آهي؟

ٻُڍڙي - سائين، خُدا شال توکي خُوش رکي! تنهنجن ماڻهن مون غريب رنَ زال جي ٻڪري چورائي، ڪُهي کاڌي آهي. مُونکي اُها ئي هڪڙي کير ڏيندڙ ٻڪري هئي، جنهن تي ٻچا پاليندي هيس. مون کي منهنجو حق وٺي ڏي.

ٻُڍڙيءَ جي ڳالهه ٻڌي، بادشاه کي ڏاڍو ڏُک ٿيو ۽ هُو ڪاوڙجي، پنهنجي وزير کي حُڪم ڏنائين ته "چور جهٽ پيدا ڪر." چورن کي پڪ هئي ته ڳالهه لڪي ڪانه رهندي، سو ڊڄي اڳيتي آيا ۽ پنهنجو ڏوهه باسيائون. اورنگ زيب، هِڪ جي بدران پنجويه ٻڳُون مائيءَ کي ڏياريُون ۽ چورن کي سزا ڏيئي، پوءِ اڳيتي روانو ٿيو.

## مشق،

۱، هنن سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) اورنگ زيبُ بادشاه ڪيڏانهن ٿي ويو؟

(ب) بادشاه جي ٻن ماڻهن ڇا ڪيو؟

(ج) اها ڏِگي ڪنهن جي هُئي؟

(د) ٻُڍيءَ مائيءَ ڇا ڪيو؟

(ه) بادشاه، ٻُڍيءَ مائيءَ کي ڇا ڏنو؟

۲، هي جُملا پُورا ڪريو:

(۱) مَجاڻُ، جو اُها ڏِگي هُئي ڪنهن ٻُڍڙيءَ جي!

(۲) مَجاڻُ، جو اُتي ڪو وِڇُون ويٺو هو! (۳) مَجاڻُ، جو ڪُتو ڪو ڇتو هو!

**لفظ:** اورنگ زيب- عالمگير- اِنصاف- دِيندارُ- مَجاڻُ- پوڙهي- حاضر- پاليندِي- باسيائون



بهار
سپتمبر
اکتوبر
نومبر
دسمبر
جنوري
فبروري
مارچ

## سَبَقُ وِيهون

# مُندُون

وَرهيہ ۾ ٻارهن مَهنا، ۽ ٻارَهن مهنَن جُون چار مُندُون آهِن: سِيارو، بَهار، اُونهارو ۽ سَرءُ. ٻرجيئَن ڪِن هَندَ ٽن ٽن مَهنَن جي هِڪ مُند ٿِيندِي آهي، تيئَن هِن مُلڪَ ۾ نہ آهي. هِت نَوَمبَر، ڊِسمبَر، جَنوَرِي ۽ فبروَرِيءَ جو اَڌ، اِهي سياري جا مَهنا آهِن. اِنهيءَ مندَ ۾ ڏِينهَن ننڍا ۽ راتيون وَڏِيُون ٿِيندِيُون آهن. اُترجي ٿَڌِيہ هَوا لڳندي آهي، جَنهن ڪَري سِيءُ ڏاڍو پَوندو آهي. نَديُن ۾ پاڻِي لَهِي ويندو آهي، وَاهَ ۽ تَلاءَ سُڪِي ويندا آهِن، ۽ وڏن جَبَلَن جُون چوٽِيُون بَرفَ سان ڍَڪجِي پَونديون آهن. ڏاڍيءَ ٿَڌِ ۾ پارو پَوندو آهي، ۽ پارو وَڻن ۽ ٻوٽَنَ کي سَاڙِي ڇَڏِيندو آهي.

فَبروَرِيءَ جو اَڌ، مارِچ، ۽ اَپريل جو اَڌ، بَهارَ جي مُند آهن. اُتر جي ٿَڌِيءَ هَوا بَدران، صُبحَ جو سُنِي هِيرَ لڳندِيہ آهي. وَڻ ٽِڻَ سڀ ساوا ٿِيندا آهِن، گُلَ ڦُلَ نِڪرندا آهِن،

پڪي پڻ خوش ڏسبا آهن ۽ منيون لاٿيون ڪندا آهن.

اپريل جو اڌ، مَي، جون، جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر جو اڌ، اِهي اونهاري جا مهنا آهن. هِن مُندَ ۾ ڏينهن وڏا ۽ راتيون ننڍيون ٿينديون آهن، ۽ گرمي گهڻي ٿيندي آهي. هِن موسم ۾ ميوا گهڻا ٿيندا آهن، ۽ مينهن بہ پوندو آهي.

سيپٽمبر جو اڌ ۽ آڪٽوبر، اِهي سَرءَ جا ڏينهن آهن. اِنهن ڏينهن ۾، لابارا شروع ٿيندا آهن. پاڻي لهندا آهن ۽ تپاولي گهڻي ٿيندي آهي.

مشق:

هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(١) وَرهيہ ۾، ڪهڙيون مندون آهن؟

(٢) سياري ۾، ڇو سيءُ پوندو آهي؟

(٣) ڏاڍيءَ ٿڌ جي ڪري، ڪهڙو نُقصان ٿيندو آهي؟

(٤) بهار جي مُند ۾، ڪهڙيون شيون وڏنڊڙ تي پونديون آهن؟

(٥) ڪهڙيءَ مندَ ۾، مينهن گهڻو پوندو آهي، ۽ ميوا بہ گهڻا ٿيندا آهن؟

لفظ: اونهارو - ڊسمبر - خوش - لاٿيون - آگسٽ - سيپٽمبر - شروع.

## سبق ايڪيھون

# مُندون (بيت)

ٻارو، اچي مڙو ھڪ ماڳ،
ڳايون چئي مُندن جو راڳ.
ھڪڙي تن مان آھ بھار،
ھيءَ مُند آھي واھ جا ٻار!
وڻ ٽڻ ڏسجن ٿا سڀ سُھڻا،
باغ بگن ٿا من کي مُٺا.
گُل ڦُل باغن منجھ ٿڙن،
پکي به مِٺيون بوليون ڪن.
وچي بھار ته اچي اونھارو،
ڏولُ اُنھيءَ جو آھ نيارو.
گرميون اُن ۾ ٿين مُدام،
پاڻي پڻ چڙھن ٿا جام.
ھن ۾ پئي ٿي پڻ برسات،
پوک جي سڀ کي وائي وات.

پوءِ سَرءُ ٿي اُچي وَرِي،
هَوا لَڳي ٿِي گهمَرَ ڦِرِي.
هِن رُتِ ۾ ٿا پاڙِي ڇِڄَنِ،
پَنَ وَڻن جا ڇِڻيو پَوَن.
دِل کي وَڻندَڙ ناهِ هَوا،
ٿِئي تَپَت ٿِي جَاءِ بَجَاءِ.
ٿيو سَڙءُ جو پُورو وَارو،
آيو تنهن تان وري سِيَارو.
هَوا اُتر جي ڪَري سُوسَاٽَ،
سِيءَ ۾ پَوَن ٺريو ڳهرَ ڳهاٽ.
سِيءُ پَوَڻَ سَان ڪَري پُڄَاڙِي،
وَڃي ٿو گهٽجي هَر هَنڌِ پاڙِي.
چَئن مُنڌُن ۾ پُورو سَال،
وَرِي ٿِئي ٿو سَاڳيو حَال.

لفظ: مُدام – ڳِ ــ ــ ــ ــ

## سَبَق ٻاوِيهون

# جَمِيلہ چوڪِري




جَمِيلہ نالي هِڪڙِي چوڪِري هُوندي هُئي. هُوءَ ڏاڍِي هَٻڇڻ هُوندِي هُئِي. جيترو گهڻو کائِيندِي هُئِي، اوترو گهڻو سِگهندي هُئِي. گهرَ مان ٻہ ماءُ کان لڪائي، ڪيترِيُن شيُون کڻيو، کايو ڇڏِيندِي هُئي.

هِڪڙِي ڀيري، مَاٽس کي ڪنهن سَاهيڙِيءَ ميوو موڪليو. ماٽس، اِهو ميوو جَاري تي رَکي، پاڻ وَڃي سُمهي

پيئي جَمِيلَہ ڏنو تہ ماءُ سُتي پيئِي آهي، سو اندران وَڃي هِڪڙي ڪُرسِي کَڻي آئِي. چڙهي اُنَ ڪُرسِيءَ تي چَڙهي، ميوو ڏي ڪنيائِين، تهڙو پير کِسڪِي وِيس، ۽ ميوي جي رڪيبِيءَ سَميت اَچي پَٽَ تي پيئِي.

آواز تي ماءُ سُجاڳ ٿي پيئِي. ڏٺائِين تہ رڪيبِي ڀَڳي پيئي آهي، ميوو پَٽ تي ڪِريو پيو آهي، ۽ جَمِيلَہ ڪُرسِيءَ جي هيٺان پيئِي دانهُون ڪَري. ڊوڙي اَچي، کيس ڪُرسِيءَ جي هيٺان ڪڍيائِين. پوءِ ميوو پٽ تان کڻي، ڪُجھ جَمِيلَہ جي ننڍي ڀاءُ ۽ ڀيڻُ کي ڏنائِين، ۽ باقِي وَڃي جاري تي رکيائِين.



جَمِيلَہ کي چَيائين تہ ”تو چوريءَ ميوو ٿي کنيو، ۽ رڪيبي بہ ڀڳي اٿيئي، اِنهيءَ ڪري توکي ڪُجھہ بہ ڪين ڏيندِيَس. پَل تہ سيڪَت هُجيئي؟“

جيڪو پار، جَمِيلہ وَانگيان، هَبَڇي ٿئي ٿو ۽ چوري ڪري ٿو، تنهن جو اهڙو حال ٿِئي ٿو، جهڙو جَمِيلہ جو ٿيو.

## مشق:

١، هي جُملا ڇَنو:

الف (١) جيترو گهڻو کائيندي هُئي، اوترو گهڻو سِڪندي هُئي.

(٢) جيترو گهڻو مِلندو هوس، اوترو گهڻو گهُرندو هو.

(٣) جيترو گهڻو کلندو هو، اوترو گهڻو رُئندو هو.

ب (١) جهڙو ڪُرسيءَ تي چڙهي ميوو ٿي کنيائين، تهڙو ٻيرڪي وِيُس.

(٢) جهڙو دکيءَ ۾ هَٿ وِڌائين، تهڙو ڏينيُوءَ ڏنگي وِڌُس.

(٣) جهڙو ڪوڙڪي وِتان لنگهيو، تهڙو ان ۾ پيرُ ڦاسي پيُس.

٢، (الف) جَمِيلہ ڪهڙي ڇوڪري هوندي هئي؟

(ب) ماڻس کي ساهيڙيءَ ڇا موڪليو هو؟

(ج) جَمِيلہ ڪرسيءَ تي ڇو چڙهي؟

(د) ماڻس ميوو ڪنهن کي ڏنو؟

(ھ) جَمِيلہ کي اِها سيڪَت ڇو مِلي؟

لفظ: هَبَڇو - سِڪندي - ساهيڙي - رڪيبي - سميت - سيڪت.

## سبق ٽيويهون

# گُلاب جو گُلُ


خالِد۔ حُسَين، هَٽَ ۾ ڪهڙو گُلُ اٿيئي؟ ڏاڍو سُهڻو گُلُ آهي؟

حُسَين۔ هِيءُ گُلاب جو گُلُ آهي. سُنگهي ته ڏِسُ. ڪِهڙو نه سُرهو آهي!



خالِد۔ وَاه وَاه! مُون ته ڪنهن بہ گُلَ ۾ ايتري خُوشبُوءِ ڪانه ڏٺي!

حُسَين۔ هن کي مَوسِمي گُلاب چئبو آهي. سُگَنڌ بہ گهڻي ٿِئيس، ۽ سُونهن ۾ بہ ٻِين سَيِني گُلَن کان سَرسُ ٿئي ٿو.



خالد- تڏهن، گلاب جا ڪي ٻيا قسم به ٿيندا آهن ڇا؟

حُسين- ها، مَوسمي گلاب جا ٻوٽا، رڳو بهار جي مُند ۾، گُلَ ڇڄليندا آهن. رنگ گلابي هُوندو اُٿن، ڇڙو هي گُل آهي. ٻيو قِسمُ ٿئي، سَدا گُلابَ جو. اِهو سَدائين پيو گُلَ ڇڄليندو آهي. اُهي گُلَ ڳاڙهي رَنگ جا ٿيندا آهن. مَنجهن خُوشبُوءِ گهٽ ٿئي ٿي. ڪي ٻُوٽا اَڇا گُلَ ڇڄلين، ته ڪي اِهڙا به آهن جن جا گُل پيلا ٿين ٿا.

خالد- گُلابَ جي ٻُوٽن جو ٻجُ ڪِٿان مِلندو آهي؟

حُسين- ڪِٿان به نه- اُنهَن جو ٻجُ ٿئي ئي ڪو نه.

خالد- تڏهن اهي ڪِيئَن پوکبا آهن؟

حُسين- جَنورِيءَ واري مهني ۾، گُلابَ جي ٻُوٽن جُون ٽاريُون ڪپي، قَلَمَ ٺاهبا آهن. جَنهن زَمين ۾ اهي پوکڻا هُوندا آهن، تنهن کي ڪوڏَر سان وَليِ يا هَرُ ڏيئي، مَنجهس پاڻ وجهبو آهي. پوءِ پارا ٻَڌي، اُنهَن ۾ اُهي قَلَمَ کوڙي ڇڏبا آهن، ۽ پاڻي ڏبو رهبو اُٿن، ته قَلَمَ ڦُٽِي پَوَندا آهن. بَرسات واريءَ موسمَ ۾ اُنهَن جُون ڇِڪيُون ڪِدي، جِتي جِتي هَٽِيُون هُونديُون آهن، اُتي وَڃي هَڻبيُون آهن.

خالد- ادا، گلابَ جي گُلَنَ مان ڪهڙا فائدا آهِن؟
حُسَين- اُنهن مان گُلقَندُ ٺهندو آهي. گُلابَ جو عَـرَقُ بہ ڪَڍَندا آهن، جنهن کي گُلابَ جو پاڻي بہ چَوَندا آهيُون، تو گُلابي عطرُ تہ ٻُڌو هُوندو؟ اهو بہ گُلابَ جي گُلَن مان ٺَي نهندو آهي. اِهو ٻيَن سَيِني عطرَن کان سُٺو ٿِئي ٿو. تنهن کان سَواءِ، گُلابَ جي گُلَن مان هَـارَ بہ ٺَهندَا آهِن، جي مَاڻهُن کي ڏَاڍا وَڻندا آهِن.

## مشق:

١. هيٺيان جُملا پڙهو:

الف (١) مُون تہ ڪنهن بہ گُل ۾ ايتري خُوشبُوءِ ڪانہ ڏِٺي!
(٢) مُون تہ ڪِٿي بہ اِهڙي جاءِ ڪانہَ ڏِٺي!
(٣) مون تہ ڪڏهين بہ اِهڙي ڳالهہ ڪانہ ٻُڌِي!

٢. هيٺين جُملن جا خال ڀريو:

(الف) اهو ٻُوٽو سَدائين ٻيو ........ ڇهليندو آهي.
(ب) ٻارا ٻڌِي، اُنهن ۾ .......... ڪوڙي ڇڏيا آهِن.
(ج) گُلاب جي گُلن مان، ....... ۽ ....... ٺهندو آهي.
(د) گُلاب جي گُلن جا ....... ماڻهن کي ڏاڍا وَڻندا آهِن.

٣، هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:
(الف) گلاب جي گُل جا گهڻا قِسمَ ٿيندا آهن؟
(ب) گلاب جو گُل ڪهڙن رنگن جو ٿيندو آهي؟
(ج) پين تن سُرهن گُلن جا نالا ٻُڌايو.
لفظ: سُنگهي - خُوشبُو - سُگَنڌ - چَڪِيُون - گُلقَندُ - عَرَقُ - عطرُ.

---

## سبق چوويهون.

# ڏيارِي

ڪِشنو. موتي، صُبحاڻي ڏيارِيءَ جو وَڏو ڏِينهن آهي. اِسڪول ٽي ڏِينهن بَند رَهندو.

موتي. ڪشنا، اَسِين ڏِيارِي ڇا جي ڪري مَلهائِيندا آهيون؟

ڪشنو. موتي، اَڳِئين زماني ۾، سِري رامچَندرَ پَنهنجي دُشمَنَ راوَڻَ کي جَنگ ۾ جِيتيو هو. هو سوين کُتي، پَنهنجي اِستريءَ سِيتا سان گَڏجي، پنهنجي مُلڪ ڏانهن موٽيو. جنهن ڏينهن پنهنجي شهر ۾ آيو، تنهن ڏِينهن سَڀني هِندُن پَنهنجا گهرَ سِينگارِيا هُئا، ۽ ٻَتِيُون ٻارِيُون هُيُون. اَسِين سَڀئي، اُنهيءَ ڏِينهن مَلهائڻ لاءِ، پنهنجن گهرَن

ڪي سينگاريندا آهيون، ۽ خوشيون ڪندا آهيون.



موتي- ڪِشنا، اسان جي گهرَ ڪي ٻهِ دادا ڇُنَ جي پوڄي ڏِياري
آهي. ڇيائين ته ڏِياريءَ جي سنبت پيا ڪريون.

ڪشنو- روشنيءَ لاءِ ڇا ڪيو اٿوَ؟

موتي- ٺِڪرَ جا ڏِيا وَرتا اَٿئُون ۽ ٻَتيون ٻِ ٻاريندا سُون.
ڪِڪيءَ ۽ مُنهنجي لاءِ دادا نوان ڪَپڙا ٻِ ٺهرايا آهن.

ڪشنو- بس، ٻيو ٻِ ڪُجهه وَرتو اَٿوَ!

موتي- ڪِشنا، دادي ڦٽاڪاءِ ڏَڪيُون ٻه گهرايُون آهن.

اَسان کي پُوريون ۽ ڪُپڙا به ڏنا اَٿس. مال بہ جُهگا
ڪاڻيندا آسين، ۽ مِنائي بہ وِرهائيندا آسين.

ڪِشنو. مِنائي ڪنهن کي ڏِيندا ؟

موتي. دادا چيو تي تہ "مِنائي مِٽن مائٽن کي بہ ڏينداسين،
۽ پاڙيوارن مُسلمانن کي بہ موڪلينداسين."

ڪشنو. مُسلمان اَوهان کي ڇا موڪلين ؟

موتي. هائي جيڪا مُسلمانن جي عِيد گُذري، تنهن تي پاڙيوارن
مُسلمانن اَسان کي ميوو موڪليو هو.

ڪشنو. تڏهن پاڙيوارن سان اَوهان جو چڱو ناتو آهي ؟

موتي. هائو، دادا چَوندو آهي تہ "هندُو مُسلمان سڀ ڀائر آهن."
اَسين تہ راند رُوند بہ پاڙيوارن مُسلمان ڇوڪرن سان
ڪيڏُون. وڏن ڏِينهن تي سَاڻن گڏجي گهُمُون.

ڪشنو. شاباش! پاڻ ۾ هَميشہ کِير کنڊ ٿِي رهجو.

مشق:

۱. مسلمانن جا وڏا ڏينهن ڪهڙا آهن؟ ۲. هندن جا وڏا ڏينهن ڪهڙا آهن ؟
۳. ڏياريءَ تي ڇا ڪبو آهي؟ ۴. هندن ۽ مسلمانن کي هڪ ٻئي سان ڪيئن هلڻ کپي؟

لفظ: صُبحاڻي – مَلهائيندا – خوشيُون – ٻارينداسون – ڏِڪيُون – ناتو – ڪيڏون.

## سَبَق پَنجوِيھون

# صُبْح (بَيْت)

صُبْحَ جي چِڱِي مَھل آھي گھڻي ،
رَکِي خاصِيَّت اُن ۾ خاصِي ڏِٺي .
اَوَل تارو نِڪري وِھائُو جَڏھن ،
پِرھَ ، پاسي اوڀَر ، ڦُٽي ٿِي تَڏھن .
ٿِيو تارا هِڪ ٻئي پُٺيان گُم وَڃن ،
نِشانِيُون صُبْحَ جُون ٿِيون ظاهِر ٿين .
پَکِي ٿا اُٿِي ڪَن مِٺيُون ٻوليُون ،
وَڻن تن جُون دِل کي پيئُون لوليُون .
لَڳي هِيرَ اُن وَقت ٿِي دِلپَسَند ،
ٿِئي ڪِينَ ٿِي سَا صُبْحَ تائِين بند .
اُنِھيءَ دَم چِڱو پِيو وَڻي آسمان ،
وَڻَن دِل کي ٿا باغَ وَڻَ ٽِڻَ مَڪان .
سَڄِي رَاتِ آرَامَ سان ٿا سُمھون ،
صُبْحَ جو وَرِي چاقُ ٿِيو ٿا اُٿون .

چِٽي رَوْشَنائِي ٿِئِي ٿِي جَڏهن،
ٿِئِي سِڄُ اُڀِرَڻُ شُرُوعُ تہ تَڏهن.
اُٿِي ٿورا مَڃِجن ڏَڻِيءَ جا هَزار،
اَسان ٻِچِي سَڄِي رَاتِ جنهن ڪَئِي سَنڀار.
وَڃِي پوءِ پَنهنجو ڪَجي ڪَم ڪار،
صُبْحَ جِي اِها ڳالِهہ رَک دِل تي ٻَار.

## سَبَق چوِيهون

# اَسان جا پاڙيسِري

اُستاد- اِلْياسَ، ڪَالهہ اِسْڪُولَ ۾ ڇو ڪِينَ آئِين؟

اِلياسُ- سَائِين، ڪالهہ مان اِسْڪُول ۾ پئِي آيُس، تہ جُمن جي مَاءُ پَنهنجي دَرَ وَٽ بيٺي هُئِي. مُون کي سَڏُ ڪَري چَيائِين تہ "جُمن کي ڏادو تپُ پِيو آهي. پِٽس گهرَ ۾ خير ڪو آهي، تون مِهْرَبَانِي ڪَري ڊوڙي وَڃِي ڊاڪٽر کي ڪوٺي اَچ، تہ اَچِي ڏِسيس."

اُستاد- تو ڇا ڪيو؟

اِلياسُ- سَائين، مُون کي اِسڪُول لاءِ دير ٿي ٿي، پر جُمَنَ
جي تَپَ جو ٻُڌي، وَڃي ڊاڪٽر صاحب کي وَٺي آيُس.
ڊاڪٽر صَاحب، جُمن کي تَپا سي چيو ته "مَوسمي تَپ ٿي
پيو اٿس. دَوا لِکي ٿو ڏيان، ماڻهو موڪلي گهرائي وٺو."
سَائين، جُمن جي گهر ۾ ڪا به پَڪَر ڪان هُئي، سو مَان
وَڃي دَوا وَٺي آيُس، ۽ جُمن کي هِڪ وَزَنُ به پيَاريم.
ايتري ۾ مُون کي اِسڪولَ لاءِ گهڻي دير ٿي ويئي، ۽
اَچي ڪِينَ سَگهيس. مِهرَباني ڪَري هن دَفعي معَافي
ڏِيوم. اَڳتي اِسڪُول کان ڪِينَ گُسائيندس.
اُستاد- اِليَاسَ، مُون کي تُنهنجي گُسائڻَ جو ذَرو به اَرمَانُ
ڪونهي. تو جُمَن جي مَاءُ جي، آئيءَ ويلَ، مدد ڪَئي،
اِن لاءِ توکي جَسُ هُجي. چڱا بارَ هَميشه پَنهنجن پاڙيوارن
کي ڪم اِيندا آهِن. پاڙيسرين جو مانُ ۽ انگرادَبُ
ڪَرَڻُ گهُرجي. اُنهَن سَان مِٺو ڳالهائجي، ۽ اوکيءَ سوکيءَ
۾ سَندين مَدَدَ ڪَجي. پاڙي جي ٻَارن سَان به مَحبَّت
رَکجي، ۽ ڪَڏهن به انهن سَان جهيڙو جهتو نَہ ڪجي-
جيڪو بار ائين ڪري ٿو، تنهن کي هرڪو پائي ٿو.

## مشق:

١. هي جملا ڇٺو:

(١) مون کي ٽُنهنجي گسائڻ جو ذرو به اَرمانُ ڪونهي.

(٢) مون کي لاٿُونءَ جي وَڃَڻَ جو ذَرو بہ اَرمانُ ڪونهي

(٣) هُن کي ٿِيشيءَ جي ڀَڄَڻَ جو ذرو بہ اَرمانُ ڪونهي.

٢. ڇَگا ڇوڪر هَميشہ ڇا ڪَندا آهن؟

٣. پاڙيسِرِيُنَ سان ڪيئن ڳالهائِجي؟

٤. اَوَکِيءَ سوکِيءَ ڇا ڪرڻ گُهرجي؟

٥. پڙهيل بيٺن مان هڪ گَڏجي ڳائي ٻُڌايو؟


**لفظ:** خَيرڪو - پَهَرَ - گُسائِيندُس - آئِيءَ وِيل - اَدَبُ - پاڙيسِري - جهيڙو - جَهَڳو

---

### سَبَق سَتاويهون

# جُمعي جو ڏِينهُن





اَختر- رَشِيدَ، اَڄُ ڪهڙو ڏِينهُن آهي؟

رَشِيد- اَڄُ جُمعي جو ڏِينهُن آهي! اِسڪولُ، اَڌُ ڏِينهُن، بند رَهندو. آءٌ گهر وَڃي، تَڙُ ڪري، ڪپڙا بَدلائيندُس، جو بابو مُون کي جُمعي نِمَاز لاءِ، وَڏِيءَ مَسْجِد ۾، وَٺي ويندو.

اَختر- آءٌ بہ سَيڪنهن جُمعي تي پنهنجي پِيءُ سان گڏجي، جُمعي نِماز پَڙهڻ وِيندو آهيان.

رَشِيد- ماستر صَاحب ٿي چيو تہ "جُمعو بہ مُسلِمانَنْ جي عِيدَ جو ڏِينهن آهي."

اَختر- ها، جُمعي جو ڏِينهن بہ عِيد جهڙوئِي سڳورو ڏينهن آهي. اِنهيءَ ڪري تہ مَسْجِدَ ۾ ايترا مَاڻهو اَچِي گڏ ٿِين!

رَشِيد- جُمعي جي نماز کان اڳ ۾، مَولِوي صَاحبُ مَاڻهُن کي خُطبو ٻُڌائِيندو آهي، ۽ ڪيتريُون ڳالهيُون سَمجهائِيندو آهي.

اَختر- ڀَلا، اَڳِئين جُمعي تي تو ڇا ٻُڌو؟

رَشِيد- مَوْلوِي صاحب چيو تہ "نماز سَڀِني مُسلمانن کي پَڙهڻ گُهرجي، جو اهو خدا جو حُڪم آهي. اِن کان سَواءِ، نماز

پڙهڻ ڪَري، ماڻهو چُست ۽ تَندُرُسْت گذاري ٿو، ۽
خيال ۾ سُنا ٿا رَهن؟؟

اَختر- رَشيد، ٻُڌ! پاڻ جيئن گذرِيءَ هَلِي راند ڪندا آهِيُون،
تيئَن اَڳِتي جُمعي نِمازتي به گڏ جي هَلندا سُون.

رَشِيد- چڱو ادا، ٻئي جُمعي تي، جَڏهن آءُ نِماز لاءِ نِڪرندُس،
ته توکي ۾ سَڏُ ڪندُس.

مشق:

١. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) جُمعي جو ڏينهن، ڪهڙي قِسم جو ڏينهن آهي؟

(ب) جُمعي جي نماز، ڪِٿي پڙهبي آهي؟

(ج) ڏينهن ۾ گهڻيون نمازون پڙهبيون آهن؟

٢. پنجن ئي نِمازُن جا نالا ٻُڌايو.

لفظ: بَدلائيندُس - خُطبو - سَمْجهائيندس - چُست - تَندُرُسْت.

---

## سَبَق اَٺاويهون

# ٻئي جي دِل وَٺُ

هِڪڙي پيري، گهڻا ڇوڪر پينگهه ٻيني لُڏيا، ته اُتي



هِڪڙو غَرِيب ڇوڪرو بہ اُچي لُڏڻَ لڳو. ايتري ۾، هِڪڙي
ڇوڪر اَک تي اهڙي ٺُونٺِ هَنيس، جو ڳوڙها ٿي پيس، ۽ رُئندو
رُئندو، سُڏڪا ڀَرِيندو پَري ٿي بيٺو. پر، جنهن ٺُونٺ هَنئي
هُيَس، تنهن تہ ڏانهُس نهاريو بہ ڪين، لوڏا پيئي کائين پيو،
جَڏهن، لوڏا کائي ٿڪو، تڏهن ٻيو ڇوڪر لوڏا کائڻ
لڳو. پر هِن جو پيئي رُنو، تنهن کي تہ ڪو وارو ئي ڪونہ ڏنئي.
اُنهن ڇوڪرن مان هڪڙو ڪو چڱو ڇوڪرو هو، جنهن کي اُچي
ڪَهُل پيئي، سو هن کي پينگهہ وَٽ وٺي ويو، ۽ جيڪو ڇوڪر
لُڏيو پيئي، تنهن کي سيري پري ڪري، هن ڇوڪر کي پينگهہ
تي چاڙهي، خُوب لوڏا ڏنائينس. جَڏهن ڇوڪر لُڏي ٿَڪو،
تَڏهن هن سان گڏجي، کيس گهر ڇڏي آيو. هو چڱو ڇوڪرو

هو. تنهنڪري اُن کي ٻاجهه پئجي ويئي؛ سمجهيائين تي ته ڪنهن کي رنجائڻ نہ گھرجي، ۽ ٻئي کي ڏک ۾ ڏسي اُن جي دل وٺڻ گھرجي. ائين ڪبو ته خدا اسان تي راضي ٿيندو.

**مشق:**

١. هي جُملا پڙهو:

(١) ڇوڪرا اهڙي نُوڻت هنيس، جو گوڙهو ٿي پيس.

(٢) هو اهڙو ته خوش ٿيو، جو اِنعام ڪڍي ڏنائين.

(٣) اهڙي ته مِحنت ڪيائين، جو پهريون نمبر مليس.

٢. هنن جُملن ۾ خال ڀريو:

(الف) پر هُن ٻيٺي ..........

(ب) هن ڇوڪر کي ٻينگهه تي چاڙهي، خوب لوڏا..........

(ج) تنهن ڪري اُن کي ٻاجهه ..........

(د) ٻئي کي ڏک ۾ ڏسي، ان جي دل ..........

لفظ: غريبُ - نُوڻت - ڏانهُس - ڪفل - ٻاجهه - رنجائڻ - راضي.

## سَبَق اوڻٽيهون

# گهَرُ صَافُ رَکجي

گهَرُ جنهن ۾ اَسِين رَهون ٿا، سو صَاف ۽ سُٺرو رَکڻُ گهُرجي. روزانو هِڪ يا ٻَہ دَفعا، گهر کي ٻُهاري ڏيئي صفا ڪَجي. ڪاٺِ پِتَڻ جا ٿانوَ ۽ ٻيو سامان بہ چڱيءَ طَرَح صَفا ڪَرَڻُ گهُرجي. پيٽ جو پاڻي صَاف مَٽَن يا دِلَن ۾ وِجهي، ڍڪي پاسيرو ڪري رَکجي. گهر جو سَامان بہ ٽيڙي پکيڙي ڇڏبو تہ سُنو ڪِين لڳندو، ۽ اَجائي سوڙهہ ٿِي پوندِي. ان ڪري، اُن کي پَنهنجيءَ پَنهنجيءَ جاءِ تي ٺا نئيڪو ڪري رَکجي. ڪَمُ آڻڻُ مهل، اُتان ڪَڍِي وَري بہ سائيءَ جاءِ تي رکي ڇڏجي. ڪُنڊُن کُڙڇُن ۾، ڦاٿَلَ يا ميرا ڪَپڙا ۽ ٻيو پراڻو يا پڇل سامان گڏ نہ ڪَجي. اهو ڪمائتو نہ هُجي، تہ ساڙي ڇڏجي يا ڦِٽو ڪَري ڇڏجي.

گهرَ ۾ انڌارو بہ نہ ڪَجي؛ مَگر دَرَ، دَرِيُون ۽ ٻِيُون گِرڪِيُون کولي ڇَڏجن تہ تازي هوا، روشنائِي ۽ اُسَ اَندر اَچي. تازِي هَوا ۽ رَوشنائي، تَندُرُستيءَ لاءِ تَمام ضَرُورِي شيُون آهِن.

گهرَ ۾ اندر، پاڻيءَ جي هارَ وِير نہ ڪجي، نہ تہ مڇر ٿيندا، ۽ بيماري ٿيندي. نالين ۽ مورين ۾ بہ پاڻي بيهڻ نہ ڏجي. اُنهن کي روز گهڻي پاڻيءَ سان صاف ڪرائي، مٿن اَڇو چُنُ يا فنائل جو پاڻي وجهڻ گهرجي. گهرَ جو ٻُهَرُ بہ هڪ دٻي ۾ گڏ ڪري رکجي، ۽ روزانو ٻاهر پَرَ پَرو ڦٽو ڪجي، يا ٻاهر رکيل گند واري دٻي ۾ وجهي ڇڏجي؛ گهٽيءَ ۾ يا ٻين ماڻهن جي دَرن وٽ نہ اُڇلائجي. گهٽيءَ ۾ اُڇلائبو تہ وري بہ ٻاهر گند ئي پوندو. گهرَ ۾ اندر ڪو بہ ڍور يا جانور نہ ٻڌجي؛ ڍور يا جانور ٻڌبو تہ اهو گند ڪندو، ۽ گهرَ ۾ بانس ئي پوندي.

گهرَ صاف رکڻ سان، اسان جي توڙي ٻين جي دل پيئي خوش ٿيندي ۽ اسين ڪيترين ئي بيمارين ۽ خرچن کان ڇُٽي پونداسين.

## مشق:

١. هنن لفظن مان پورو لفظ ڳولي، خالن ۾ وجهو:

ڍور — هوا — پاڻي — بيمارين — ٻُهاري.

(١) روزانو گهر کي ........ ڏيئي، صفا ڪجي.

(٢) در ۽ دريون کولي ڇڏجن ته تازي - - - - - اندر اچي.

(٣) ناليون ۽ مورين ۾ - - - - - - ٻيهڻ نه ڏجي.

(٤) گهر ۾ اندر - - - - - - - - نه ٻڌجي.

(٥) گهر صاف رکڻ سان، اسين ڪيترين ئي - - - - - - ڪان ڇٽي پوندا سين.

لفظ: ڪنڊن ڪڙڇن - ڳڙڪيون - تندرستي - اُجِلا ئجي - بانس.

---

## سَبق ٽيهون

# تَصْوِيرَ جو بَيان

سَامُهون صَفحي تي ڏِنل تَصْوِير ڏِسِي، هينين سُوَالن جا جواب ڏيو:

١- تَصْوير ۾ ڇا ڇا ڏِسو ٿا؟


٢- گهوڙو ڏِسَڻَ ۾ ڪِيئَن ٿو لڳي؟

٣- گهوڙي کي گَهَڙِيُون ٽنگُون آهن؟

٤- اهي ٽَنگُون، ڪهڙي قِسم جُون آهن؟

٥- ڳچي ڪِيئَن اَٿس؟

٦- سَندُس مُنهن ڪيڏو آهي؟



٧- اُڪيون ۾ ڪَن ڪِيئَن اَٿس ؟

٨- سَندس ڪنڌ تي ڇا ٿا ڏِسو؟

٩- اُنهن وارن کي ڇا چئبو آهي؟

١٠- گهوڙي جا پير ڪِيئَن آهن ؟

١١- اُنهَن پيرن کي ڇا سَڏِيندا آهِن ؟

١٢- پُڇ ڪِيئَن اَٿس ؟

١٣- بُت جي سَڄِيءَ کلَ تي ڇا هوندو اَٿس؟

١٤- گهوڙا ڪهڙن رَنگن جا ٿِيندا آهِن ؟

١٥- گهوڙو ڇا ڇا کائِيندو آهي ؟

١٦- سَندس رَهڻَ وَارِيءَ جاءِ کي ڇا چَوَندا آهن.

١٧- گهوڙو ڪهڙي ڪم اِيندو آهي ؟

١٨- هاڻي، اِنهيءَ گهوڙي جو بيان ڪري ٻُڌايو.

---

## سبق ايڪٽيهون.

# باغ جو سَير.

فَرِيد- ڪَرِيم، هَل ته اَڄ باغ جو سَير ڪَريُون !

ڪريم- اڄ موڪل نہ اچي ويئي آهي. چڱو، هل تہ هلون.

فريد- ڪريم، ڏس تہ هي کھڙيون نہ وڻندڙ باريون ناهيون اتي! گلن جي ٻوٽن جون قطارون بہ تہ ڏاڍو ڇهچٽو لايو بيٺيون آهن!

ڪريم- توکي انهن گلن جا نالا اچن ٿا؟

فريد- نہ، پريان هو باغ جو مالهي بيٺو آهي. هل تہ اُن کان پڇون.

ڪريم- اهو مالهي، ڪڏهن ڪڏهن، بابا وٽ گل ڪٺي ايندو آهي، ۽ خرچي وٺي ويندو آهي. مون کي سڃاڻي ٿو. مالهي! هنن گلن کي ڇا سڏبو آهي؟

مالهي- ٻچا، گل تہ گھڻائي آهن. ڇا ٻڌائي ڇا ٻڌايانءِ! هيءُ گلاب جو گل آهي. هن جي ڀرواريءَ باريءَ ۾ ڪرنو ۽ ٽڪمو بيٺا آهن. پاسي کان ڇاء جي گلن جون قطارون آهن، انهن کي زنگي گل چون. هي ڏکيٽين، وليون، چنبيليءَ جون آهن.

فريد- ڇپر ڪيڏي نہ ڪتري اٿئي! زمين تي ڄڻ تہ ساءِ چادر وڇائي پيئي آهي!



ڪريم- آءٌ ته اَدا وڏي سان گڏجي ڪيترائي ڀيرا هِتِ آيو آهيان. ڇپر تي راند روند ڪندا آهيون ۽ تازي هوا کائيندا آهيون.

فريد- بابا چيوتي ته "صُبح جو باغ ۾ وڃڻ سان، ماڻهو چڱو ڀلو ۽ چُست رهي ٿو."

ڪريم- ڀلا اَڳتي، ڏهاڙي باغ ۾ ايندين؟

فريد- هائو؛ پاڙي واري باغ ۾ هلنداسين. اتي راند جو ميدان به آهي.

ڪريم- چڱو. صُبح جو نماز تي هلي باغَ ۾ پڙهنداسين، ۽ تازي هوا کائي چُسْت ۽ چالاڪ ٿينداسين.

**مشق:**

١ هنن لفظن مان هڪ هڪ کڻي جُملن جا خال ڀريو:

( ٿو - اچون - ٿينداسين - آهن )

الف. هَل ته باغ مان گهُمي ________.

ب. اُهو مالهي مون کي سُڃاڻي ________.

ج. باريءَ ۾ گلاب، ۽ موتيي جا ٻوٽا ________.

د. تازي هوا کائي، چُست ۽ چالاڪ ________

٢ هن سبق واريءَ تصوير ۾ جيڪي ڏسو ٿا، تنهن جو بيان ڪريو

لفظ: سير- قطارُون - ڇپڇتو - چنبيلي

## سَبَق ٻَٽيهون

# ڌڻيءَ جي وَڏائِي

(۱) ڌَڻيءَ جا اَسين گيت ڳايُون سَدا،
اَڳيَان تَنهِن جي پِڙَ سِرُ نِمايون سَدا.

(۲) اُپايو جَنهِين آهِ سارو جَهَان،
ڪيو آهِ پَيدا زَمِين آسِمَان.

(۳) پکِي، جيتَ، ماڻهُون، مِرُون بيشُمَارَ،
سِجُ ۽ چَندُ تارا هَزارين هَزارَ.

(۴) هَوا، باهِ، پاڻِي ضَرُورِي شَيُون،
اُپايون اَٿس، جي مِلَنْ بي مُلهيُون.

(۵) وَڏائيءَ سَندس جا وَڏا ٿيا بَيَان،
نه طاقَتَ رَکي ٿِي اَسان جي زَبَان.

(۶) اَسان کي ڌِڻي شال سَکُهه سو ڏاڻِي،
ڪَرِيُون يادِگِيرِي سَندَسِ تان گهڻي.

## سَبق ٽيٽيهون

# کِيرُ

کِيرُ، هِڪُ طاقتَ وارو کاڌو آهي. هو بدن ۾ رَتُ وَڌائي ٿو، ۽ اُنَ کي سَگهارو ڪري ٿو. ٻارُ، جَمَڻَ کان پوءِ، کِيرُ ڌائي وَڏو ٿئي ٿو. هُو ٻيو ڪي بِہ کِينَ کائي. ساڳِيءَ طرح، کِيرُ ڏِيندڙ جانورَنَ جا ڦرَ بِہ کِيرُ پِيئَندا آهِن. جي ماڻهُو کِيرُ جام پِيئَندا آهن، سي بِہ قُوَّت وارا ٿِيندا آهِن.

کِير کي ڪاڙهبو، تہ اُن تي ٿَرُيا مَلائِي ٿِي پَوَندِي هائو، اَمّا بہ روز صُبْحَ جو کِير ٿَڌَڪائيندي آهي، تہ اُنَ جي مَٿان مَلائِي ٿِي پَوَندِي آهي. کائِڻَ ۾ بِہ سَوادِي ٿِيندِي آهي. شامَ جي وَقتِ وَرِي، کِيرُ ڪاڙهي، ٺاري، اُنَ ۾ ٿورو ڏُڌُ وِجهي، ڪُني ۾ کِٽي رَکندِي آهي. صُبْحَ جو اُهو جَمِي ڏونرو ٿِي پَوَندو آهي. اُهو بہ کائِڻَ ۾ مَزيدار آهي.

ڏَونري کي وِلوڙبو، تہ مَکَڻُ نِڪري ايندو. مَکَڻُ ڏاڍِي مَٿِيَ ۽ طاقتَ وارِي شي اَٿيئي. مَکَڻ کي باه تي رِجهائبو تہ گيهُ ٿِي پَوَندو، جو وَرِي رَڌَڻَ پَچائِڻَ ۾ ڪم ايندو آهي.

اَمَا ٻہ روز ڏُڌ وِلوڙيندي آهي. اَسِين، صُبح جو نيرَنُ ٿي، مَکڻُ مَاني کائِيندا آهِيُون. مکڻ کَڍَڻُ کان پوءِ، باقي ڏڌ وِچي رهندو آهي. ڏُڌَ ۾ وَڌِيڪ پاڻي ملائبو، تہ لَسِي ٿِي پوندي. اُونهَاري ۾، لَسِي پِيَڻُ ڪَرِي، تاس لَهِي وِيندي آهي.

تَڏهين چئبو تہ کِير ڏاڍي ڪارائتي شَي آهي!

ڳَائُون، اِنهن کان سَواءِ، کِير مان کيرِڻي، مائو، پيڙا ۽ ٻيُون ڪيتريُون مٺايُون ٺهنديُون آهن.

مشق:

١. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) کِير ڪِي ڪارڄهو، تہ ڇا ٿيندو؟

(ب) ڏَوِنرو ڪِيئَن ڄَمائبو آهي؟

(ج) کِير مان، مَکڻ ڪِيئَن ٿو نِڪري؟


(د) کِير، ڪهڙي ڪهڙي ڪم ٿو اچي؟

٢. ڪن کير ڏيندڙ جانورن جا نالا ٻڌايو.

لفظ: طاقت - نَهڪائِيندي - وِلوڙيندي - تاس.


# سبق چوٿيھون

# بارِيُن يا وَنجھوَٽيءَ راند



وَنجھوَٽي راند، هِنَ رِيت کيبي آهي: ٻه هوشيار ڇوڪرَ، هاڙهي ٽي ٻيهندا آهن. ٻيا ڇوڪرا، جن کي راند ڪرڻي هوندي آهي، سي جوڙي جوڙي ٿي، پاڻ ۾ ٺھراءُ ڪري، هِڪ ٻئي تي نالو رکي ايندا آهن. هڪڙو ڄڻو پاڻ تي نالو رکندو "نند"، ته ٻيو رکندو "وَڏُ" پوءِ، هِڪڙي جوڙي

هَارِّهين وَٽ اَچي ، هِڪڙي هارِّهيءَ کي چوندي ته تنهنجي
مَندَ يا وَڏَ ؟ پوءِ ، جيڪو نالو هارِّهي وٺندو ، تنهن نالي وارو
ڇوڪر سَندَس پاسي ايندو. اِهڙيءَ طرح جڏهن سَيني
جوڙين جي وِچ ۾ ٿي رهندي ، تڏهن هِڪڙو هِڪڙو هارِّهي
پنهنجا پيچي وَٺي ، ڏار تي بيهندو. پوءِ ڪَيندا بارِيُون يا
ڏريُون . هِڪڙي ٽيندي آگَ وٺندڙ ٽولي ، ۽ ٻي ٽيندي
آگَ ڏِيندڙ ٽولي. آگَ ڏِيندڙ ٽوليءَ جو هارِّهي پاڻ بيهندو
پِهرينءَ باريءَ تي ، ۽ پنهنجن پيچيُن مان هَرهِڪَ کي
بيهاريندو هِڪڙيءَ هِڪڙيءَ باريءَ تي. پوءِ آگَ وٺندڙ
ٽوليءَ جا سڀ ڇوڪر ، بارِين ۾ بيٺلن ڇوڪرن کان
نِڪرڻ جي ڪوشش ڪَندا. نيٺ پاڻُ ڇڏائي ، پوئين
بارِي اُڪِري ، وَرِي ساڳيءَ طَرح ، پِهرينءَ باريءَ ڏي
رُخ رَکندا. جي بارين ۾ بيٺلن ڇوڪرن مان ڪنهن جو به
هٿ مَنجهائن ڪنهن کي لَڳي ويو ، ته چئبو ته راند هارايائون.
جي نه لڳو ، ۽ باريُون لَنگهي اَچي ٻاهر نِڪتا ، ته چئبو ته
راند کٽيائون.


نيرو
سائو
واڱڻائي
پيلو
نارنگي
ڳاڙهو

**مشق:**
هينين جُملن جا خال ، ڏنل لفظن سان ، صَحيح نمو ني ۾ ڀريو:
(سگورو - تِکا - هيچڻ - اڇو - چُست)
(الف) راند روند ڪرڻ سان ، بدن ــــــ ٿئي ٿو.
(ب) کير جو رنگ ــــــ ٿئي ٿو.
(ج) جيڪي ڇوڪر راند ڪن ، سي ــــــ ٿين ٿا.
(د) جميله هڪ ــــــ ڇوڪري هئي.
(ه) جُمعي جو ڏينهن ، ــــــ ڏينهن آهي.
**لفظ:** وَنجهوَرتِي - هارِڙهي - مَنجهانئُن - هارايائُون

# سَبَق پَنجِنيهون

# رَنگ

حَسَن- بابا ، اَڄ مان عَلُو نِيروتِيءَ جي گهر وِ يو هوس . سَندَس گهر ۾ ، ڪيترائي رَنگا رَنگِي ڪَپڙا ٽنگيا پيا هُئا. پاڻ چيائين ته "اهي سڀ مُون رَنگِيا آهن." مون پُڇيو مانس ته "توهان وٽ ايترا رَنگ ڪٿان ٿا اچن؟" چيائين ته "اَبا ،اَسان وٽ ٿورا رَنگ هُوندا آهن ، جن کي مِلائي وري ٻيا رَنگ ناهِيندا آهيُون." ڪِٿَ مان ؟ مون کي سَڀي رنگ ڪَڍي

ڏيکاريائين. هڪڙو هو ڳاڙهو، ٻيو نيرو ۽ ٽيون پيلو. انهن ٽن مان، ٻيا به ٽي رنگ ٺاهي ڏيکاريائين. پهريائين ڪجھ پاڻي کڻي، اُن ۾ ٿورو ڳاڙهو رنگ وڌائين. ان ۾ وري ٿورو پيلو رنگ وڌائين، ته هڪ نئون رنگ ٺهي پيو، جهڙي نارنگي! موهن کي چيائين ته "ان کي نارنگي رنگ چئبو آهي." وري، نيرو رنگ ٺاهي، اُن ۾ ٿورو پيلو رنگ ملايائين، ته سُنو سائو رنگ جُڙي پيو. نيري پاڻيءَ ۾ ڳاڙهو رنگ وڌائين، ته واڱڻ جي رنگ جهڙو هڪ نئون رنگ ٺهي آيو. چيائين ته "ان کي واڱڻائي رنگ چوندا آهيون." موهن کي ٽن رنگن مان ڇهه رنگ ڪري ڏيکاريائين. انهن رنگن مان موهن کي ڪيڏي جا ٽڪرا رنگي ڏنا اٿس. هي ڏسو ڳاڙهو، نيرو ۽ پيلو، ۽ هي نارنگي، سائو ۽ واڱڻائي!

مشق:

١. ڳاڙهي رنگ جون ڪهڙيون شيون آهن؟
٢. پيلي رنگ جون پنج شيون ٻڌايو؟
٣. نيري رنگ جون پنج شيون ٻڌايو؟
٤. سائي رنگ جون پنج شيون ٻڌايو؟

۵، نارنگي رنگ جون پنج شيون ٻڌايو؟

۶، واڱڻائي رنگ جون ٽي شيون ٻڌايو؟

لفظ: نارنگي - عَلو - واڱڻائي.

## سبق ڇٽيهون

# پُنپُورِي



کُھنبي زَنَڙِي لَالَ ڪُنوار،
هَلُ تہ پُنپُورِي پُٽون بَزار.

(١) ڏينڀوءَ جهڙو سونو رَنگُ،
پَرَ نہ هَٿين ٿي کنهن کي ڏنگ،
تنهن لَءِ تو سَان آهي پيَار،
هَلُ تہ پُنيُوري پُٽُون بَزار.

(٢) آءُ، ٻُڌَنُ، ڪا رَاند رَچاءِ،
رَنگ بِرَنگي رَنگَ پسَاءِ،
پيلي ڳاڙهي، نِيلي نَار،
هَلُ تہ پُنيُوري پُٽُون بَزار.

(٣) ڏِسُ ڦيري ڇَو ڦير ٻِنگاهَ،
ڪَن ٽا ڪانءَ ڪَبُوتَر ڪاه،
لامارا ڏِئي ٿي سِرَنُ، سَنيَار،
هَلُ تہ پُنيُوري پُٽُون بَزار.

(٤) پُون پون جي سُٽَندي پُڪار،
آئِي آهي لَالَ ڪنوار،
تَپُ تاري، آٽِيندِي ٿار،
هَلُ تہ پُنيُوري پُٽُون بَزار.


## سَبَق سَتٽيهون

# ڏاهو ٻار

فَتحَ نالي هِڪڙو ڏاهو ڇوڪر هو. صُبح جو اُٿندي، وُضُو ساري، نِماز پَڙهندو هو. نيرَن ڪائي سِڌو اِسڪُولَ ۾ وِيندو هو. گهرَ ۾ ڪَڏهن به گهِٽي ياڪِلڪِل نه ڪندو هو، مَاءُ پِيءُ جي اَدَبَ ۾ رَهندو هو. راند ڪيڏڻَ ويندو هو، ته به سَويرَ موٽندو هو؛ ماءُ به اِيئن چيو هوس.

هِڪڙي پيري، فَتحَ جي مَاءُ بِيمار ٿي پيئي، ۽ مُندَ به هُئي گَرميءَ جي. هِڪَ رَات، ماءُ سَڏُ ڪري چيُس ته "ابا، ٿورو پاڻي ته ڏِيئِنم!" فَتحُ پاڻي کڻِي آيو، ته مَاڻس جي اَکِ لڳي ويئي هُئي

فَتحَ دِل ۾ چيو ته امِيءَ کي ننڊَ مان ڪِيئن جَاڳايان! سو پاڻيءَ جو وَٽو هَٿَ ۾ جهلي، بيهي رهيو. ڪُجهه دير ڪان پوءِ، ماڻس سُجاڳ ٿي، ته ڏِٺائين ته فَتحُ پاڻي جهليو بيٺو آهي. هُوءَ ڏاڍي خُوش ٿي.



پاڻي پي چيائين ته "سدورا پُٽڙا، تون مُنهنجي لاءِ بيٺو آهين! خُدا توکي وَڏي عُمر ڏِئي ۽ سَيَاڳو ڪري! شالَ هَميشه خُوش رَهين!"

فَتح کي مَاءُ جيڪا دُعا ڪِئي هُئي، سا بنئ پوري ٿي. فَتح کي اِڃي يَاڳُ لڳو. وَڏو شاهوڪارُ بنجي پيو. ڪيترائي نوڪرَ سَندَس دَرَ تي هُوندا هُئا ۽ ننڍو وَڏو رَئِيس فَتح مُحَمَّد خان سَڏيندو هوس

مشق:

١. هي جُملا چئو:

(١) فَتح کي اِڃي ياڳُ لڳو.

(٢) ڪمند ڪي ڇا جي ڪينئون لڳو.

(٣) جاءِ ڪي ڇا جي ڪلر لڳو.

٣. هيٺ ڏنل لفظ، هن آکاڻيءَ جي خالن ۾ ڀريو:

(رات - ڪلاڪ - چوڪر - شاهوڪار - ڏاڏيون - وڃڻو -
ادب - پيري - پاڻي - فتح محمد - نماز - اک)

هڪڙو ——— هو، جنهنجو نالو ——— هو. صبح جو اُٿي ——— ساري، ——— پڙهندو هو. ماءُ ۽ پيءُ جو ڏاڍو ——— ڪندو هو. هڪڙي ——— ، سندس ماءُ بيمار ٿي پيئي. هڪ ——— ماءُ سَڏُ ڪري، ڪانئس ——— گهريو. فتح پاڻي ڪٺي آيو ته ماءُ کي ——— لڳي ويئي هئي. فتح پاڻيءَ جو ——— ڪٺي بيهي رهيو. جاڳڻ تي فتح کي بيٺل ڏسي، ماڻس کيس ڏاڍيون ——— ڪيون. فتح کي اها دعا اهڙي لڳي، جو هو وڏو ——— ٿي پيو.


لفظ: وضو - گهڙي - سُجاڳ - عمر - دعائون - رئيس - فتح محمد

---

## سبق اٺيتالهون

# وِٽ ڪان ٻاهر نه هَلُ

هڪڙو ڏيڳو، جهنگ ۾ پيئي چرندو. اوچتو سندس ٻڙهڪڙي



ننڍڙي ڏيڏر تي اچي ويو. ڏيڏر ته چچرجي مري ويو؛ پر اُتي جيڪي ٻيُون ڏيڏريون ۽ ڏيڏر هُئا، تن کي اچي ڏڪ ورتو، سي ڊوڙندا ڊوڙندا وڃي ماءُ وٽ لِڪا. اُنهن مان هڪڙي ڏيڏر ماءُ کي چيو ته "اما، هڪڙو وڏو وڏو اَلا جي ڇا هو، تنهن اسان جي ڀائرڙي کي پير ڏيئي ماري ڇڏيو! اما، اُهو ڏاڍو ڏاڍو وڏو هو!" ماڻهن چيُن ته "هان! وڏو وڏو هو، پر ڪيڏو وڏو؟" پوءِ پاڻ کي ڦوڪي، چيائين ته "هيڏو وڏو؟" ڏيڏر، ماءُ کي چوڻ لڳا ته "اما نه، اِنهيءَ کان ٻه وڏو، گهڻو وڏو!"

ماڻهن، تنهن تي، پاڻ کي اڳئين کان ٻه وڌيڪ ڦوڪيو. پر، ڏيڏر ماءُ کي وري چوڻ لڳا ته "نه ڙي اما نه، اِنهيءَ کان

ٻه گھڻو وڏو ! اَما، تون ڪيترو به ڪِٽي پاڻ کي ڦوڪين، تڏهن ٻه هو توکان وَڏو ٿيندو." ڏيڏرِيءَ کي جا ٻگي مُنيان، سو پاڻ کي تمام ڦوڪي، ڪُجھ چوَڻَ تي هُئي، ته ايتري ۾، پيٽ ڦاٽي پيُس، ۽ اُمالڪ، ساھُ هليو وِيس.



پنهنجي وِتَ کان وَڌِيڪ هَلَڻَ جو اِهو نَتيجو آهي.

مشق:

١) هي جُملا پڙهو:

الف (١) اُمالڪ، ساھ هليو ويس.

(٢) اُمالڪَ، پيرُ ترڪي وِيس.

(٣) اُمالڪَ، ٿالهي وَڃي هيٺ ڪِري.

ب (١) ايتري ۾ ٻيٽ ڦاٽي پيس.

(٢) ايتري ۾ گاڏي اُتي هلي.

(٣) ايتري ۾ ڇوڪر ٻه موٽي آيو.

٢. هنن لفظن جي اُبتڙ ٻيا لفظ ٻڌايو:

ننيڙي - ڊوڙندا - ماءُ - وَڏيڪ.

لفظ: نتيجو - ڇڇڙجي - مَٿيان - اُمالڪَ.

---

## سَبَق اُوڻيتاليهون

# اِسڪُولُ صَاف رَکجي

گُلُو- عُرسَ، اَڄُ پَنهنجي اِسڪُولَ ۾ ڊاڪٽر صاحِبُ آيو هو، ۽ اَسان سَڀني کي تپاسيائين. تون ڇو ڪِين آئين؟

عُرسُ- گُلُو، مُون کي ضَرُوري ڪَمُ هو. مون سَائِينءَ کان موڪَلَ وَرتي هُئي. ڀَلا، ٻُڌاءِ ته ڊَاڪٽر صاحِب ڇيو چاڪيو؟

گُلُو- ڊاڪٽر صَاحِبَ اَسان کي گهڻيون ڳالهيُون ٻُڌايُون. چَيائين ته "بَدَنَ ۽ ڪَپڙن کي صَاف رَکجي، اُنَ سَان

گَڏُ پنهنجي اِسڪُول کي بہ صَاف رَکجي. اِسڪُولَ جو
اَگَڻُ، وِرَانڊو ۽ ڪوِنيُون هَر روز صَاف ڪَجَن، پَٽُ
ڪَچو هُجي، تہ اُن تي ٿورو پاڻِي ڇَٽڪارجي تہ مِٽِي نہ
اُڏامي. ڪوِنيُون، ڪِلاسَنَ جا دَرَ، دَريُون، پِٽيُون ۽
نَقشا بہ صَافُ رَکجن، ۽ اُنهَن تي لِيڪا نہ ڪَڍجَن.
بَينچَن، ڪُرسِيءَ ۽ ميزَ کي روز اُگهي صَاف ڪَجي،
۽ اُنهَن کي سُهڻي نمُوني ۾ ناهي رکجي. دَرَ، دَريُون
۽ مَنگهہ کولي ڇَڏجن، تہ تازِي هَوا ۽ روشنائِي اَندر
اَچي. ڪِنُّ ۽ ڪِچرو، گندَ جي دَٻَن ۾، ڦِٽو ڪَجي. نَڪُ
يا نِرٽي صَاف ڪَجي، تہ ٻاهر گيندِيءَ يا پاٽِ ۾ وَجِي
ڪَجي، ۽ اُها روز صاف ڪرائي ڇڏجي."

**عُرسُ-** ٻيلي، ڊاڪٽر صاحِبُ تہ ڏاڍو ڪو چڱو هو! ڀَلا، ٻيو
ڇا چيائِين؟

**گُلُو-** هائو؛ ٻيو چيائِين تہ "پِيَڻَ جي پاڻِيءَ جا مَٽَ ۽ دِلا روز
صافُ ڪَجَن. اُنهن کي روز تازي پاڻِيءَ سان ڀَري،
ڍڪي رَکجي. مَٽَن مان پاڻِي لوٽيءَ سان ڀَري، گلاسَ
۾ وِجهي پِيئجي. پاڻِي گهڻو نہ هارجي، نہ تہ پوسَل ٿِيندي،

۽ مڇر پيدا ٿيندا. مڇرن مان بيماري ٿئي ٿي.
ڪاڪوس، اسڪول کان، ٿورو پري رکجن. اُهي روز
پنگيءَ کان صاف ڪرائجن، ۽ اُنهن ۾ اڇو چُنُ هارجي.“
ڊاڪٽر صاحب چيو ته ”جيڪڏهن اوهين ائين
ڪندا، ته سڀ خوش گذاريندا، ۽ سيڪو اوهان کي
سٺا ٻار ڪري ڇوندو.“

مشق:

١. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

الف- اسڪول جو پٽُ ڪچو هجي، ته ڇا ڪجي؟
ب- بينچ، ڪُرسي ۽ ميز ڪيئن رکجن؟
ج- نڪُ ۽ ٻرٿي ڪيئن صاف ڪجن؟
د- مٿن مان پاڻي ڪيئن پرجي؟

٢. هيٺين شين مان اسڪول جون شيون چُونڊي ٻڌايو:


ڪُرسي - بورڊ - تنئو - ٻلي - ميز - آسمان - چاڪ -
نقشو - اما - ڪلڪ - ڪاپي - ڪٽ.

لفظ: نقشا - قطار - وراندو - بينچ - گيندي - گذاريندا.

## سبق چاليهون

# هارِي ۽ اُنَ جو هَرُ

آءٌ هاري آهيان، ڳوٺ جي اڳتون اسان جو گهرُ آهي. آءٌ ڏِکيءَ جو اُٿي، پَنهنجا ڏَڳا وَٺي، ٻَنيءَ ۾ ويندو آهيان. سَڄو ڏينهن ڪم ڪري، سانجهيءَ جو گهر موٽي ايندو آهيان. ڏِسُ، آءٌ ڪهڙو نه مَضبُوط ۽ ٿُلهو آهيان! آءٌ ڪو سنو ڪاڏو ڪو نه کائيندو آهيان: ٻاجهريءَ جُون ۽ ياتي مانيُون ۽ وَنو لَسيءَ جو!



بعضي، بَصَرُ يا ڪو ٻه ٻوڙ مُون کي ڏينهَن جو مانيءَ واسطي بَس آهي. اِهڙوئي سائيو ڪاڌو رات جو به کائيندو آهيان، پر رُڳو لَسيءَ بدران کيرَ جُو ڪو پيئندو آهيان. مُون کي سَدائين چڱي بُکَ

ٻَگنڊِي آهي، ۽ رات جو سَويلَ رِئي وَچِي سُمهندو آهيان. مُنهنجو هَرُ ته ڏِسو، کهڙو نه ڳورو آهي! آءُ اُنَ کي مَتي کان جُهلي، جيڏانهن وٺيم، تيڏانهن ڦيرائي تو سَگهان. اُنهيءَ متي کي "مُنيو" سڏبو آهي. جڏهن هِيءَ جُوني زمين ۾ کِهڙي وَڃي رِئي، تڏهن مِتيءَ جا ننڍا ننڍا ڳوڙها يا پِترَ اُٿِي پَوَندا آهن. هِيءُ ڇهنِبيارو رُڪَ جو ٽُڪر جُونيءَ ۾ پيل آهي، تنهن کي "ڦارُ" چئبو آهي. هن کي "پاڃارِي" چئبو آهي. هِيءَ ڏَنِن جي ڳچيءَ ۾ وِجهبي آهي. هِي "ڏورِئا" آهن، جي پاڃاريءَ جي پاسي وارن ٽُنگن ۾ وِجهبا آهن، ته ڏِگن جُون ڳچيون اَندر سوگهيون رهن.

مشق:

١، هيٺين لفظن مان، هَرَ ۽ هَاريءَ جي مانيءَ جون شيون جُدا جُدا ڪري ٻُڌايو،

جُوني - بصر - ڦار - ماني - هسي - ڏورِئا - پاڃاري - ڪِير - مُنيو - ڀور.

٢، هاريءَ جي ڳالهه ٻُڌايو.

لفظ: اُڳِتون - ٻاجهري - ڇهنِبيارو - جُوني - پاڃاري - ڏورِئو - سوگهيون.

سبق ايڪيتاليهون

# هَارِي (بَيْت)

ٻِجُ نہ پوکي، جي کو هارِي،
سِڪُون ڪائِڻ لَءِ عُمر ساري.

پوءِ اُڪيُن سان ڏِسُون نہ اَنُّ،
ميوو، گُلَ ءِ گاهُ نہ پَنُّ.

ڪَپِهَ جي ڪو پوکَ نہ ڪَري،
ڪِتان جيڪَر پَنهنجي سَري؟

ڪَپڙا هُوندَ نہ ڪَڏهن مِلَن،
ٻُتَ ڍَڪَڻ لَءِ ماڻهُو سِڪَن.

ڪارِيگَرَ جي پوءِ هوشياري،
ٿِئي اَجائِي پَلَ ۾ سارِي.

ڇا ڪو سِپي، ڇا ڪو پيَري،
اُستادِي ڪِيئَن ظاهِر ڪري؟

جانيو، سَرِهَ نہ هَارِي پوکي،
تيلُ نہ ڪنهن پَر مِلي توکي.

ڪُڙمي ڪمَ ڪان ڪري اِنڪارُ،
سَاري دُنيا ٿِئي لاچار.

ڪُڙمي ڪم وَڏا ٿو ڪَري،
جَاڻَ نہ اِهڙي هُو ٿو ڌري.

ڪُڙمي جي تَعْلِيمَ وَنَن،
چِڱو سُڌارو جيڪَرَ ڪَن.

---


سَبَق ٻائيتاليهون

# ٻِنڙُ ٻارُ

ميوي نالي هڪڙو ڇوڪر هوندو هو، جو ڏاڍو ٻِنڙُ هو.
صُبح جو شَيْ نہ مِلَندِي هُيَس، تہ رُسِي ويهِي رهندو هو؛ ۽
کائڻَ مَهل بہ گهڻِي لائي ڏيندو هو. هِڪڙي ڏِينهن، ماڻُس
کيرِڻي ناهِي هُئِي، ۽ هُن کي بہ ٻين وانگرُ وَٽي ۾ وِجهي ڏنائين.
ٻِکيو ميوو جيترو گهڻو کائيندو هو، اوترو گهڻي هَٻَڇَ ڪندو
هو؛ تنهن ماءُ کي چيو تہ "اَما، مُون کي ٻي بہ کيرِڻي ڏي." ماڻُس
چَيُس تہ "ميوا، مُون توکي اڳيئي گهڻي کيرِڻي ڏِني آهي، اُها تنهنجي

لاءِ بَس آهي." تنهن تي هو ويهي رُئڻ ۽ ڪيتو ڪَرڻ لڳو.

ميوو هوندو هو نِنڍو ۽ ٽِيسِرُ؛ تنهن ڪيرڙيءَ جو وڻ ڦُلن اُماڪَ ڪِٽي اُڇلايو، ۽ ڪيرڙي سڀئي ٻوري هاري، روئي وِڃي پَٽَ ۾ سُمهي پيو.




مَچاڻ ۾ اُتي ڪو وِڇُون وينو هو. هُن جو سُمهڻ ۽ وِڇُونءَ جو ڪيس ڏنگُ هَڻڻ! ميوو رَڙيُون ڪري اُٿيو. تنهن تي ماڻس ڊوڙندي آئي، ۽ ڪيس اُتان کڻي وڃي هنڌَ تي سُمهارِيائين. ٻئي ڏينهن ڳوٺ ۾ ميلو هو، تنهن تي ٻيا سڀ ننڍڙا ويا، ۽ رانديڪا وٺي آيا، پر ميوو وڃي نه سگهيو. ميوو اُهي رانديڪا ڏسي رُئڻ لڳو. پڻس چيُس ته "ميوا، نِنڍَ ٽيڙ مان اِجهو اهو فائدو آهي وِڇُونءَ به ڏنگيُءِ، ۽ ميلي تي به ڪِين وِئين." ميوي ۾ اُنهيءَ

ڪان پوءِ، رُسڻ جي عادت ئي ڇڏي ڏني.

**مشق:**

١، هيٺين سوالن جا جواب ڏيو؛

(الف) ميوو ڪهڙي قسم جو ٻينگڙ هو؟

(ب) ميوي کي ماڻس ٻي ڪيريٽي نه ڏني، ته ڇا ڪيائين؟

(ج) پَٽَ ۾ وڃي سُتو، ته اُتي ڇا ٿيس؟

(د) ٻنڙ ٽيڻ ڪري، ميوي کي ڪهڙي سزا ملي؟

٢، هيٺين لفظن ۾ ڪي ڏاهي ٻار جون عادتون آهن، ۽ ڪي ڪِني ٻار جون عادتون آهن. ڏاهي ٻار جون عادتون جدا ڪريو؛

اَدَبُ - گهِپي - هَٻَڇَ - صَفائي - پيارُ - ڪينو - ڇٽيداري - ڀِيسو - گوڙُ - صَبْر - جهيڙو - ضِد - فضيلت.

املفظ: ٻنَر - گهِپي - هَٻَڇَ - ڪينو - مَڃاڻ - ڏَنگيُءِ - عادَت.

---

## سَبَق ٽيتاليهون


# مَکِّ

ٻيُ- عارِفَ، ماڻيءَ تي مَکِ وِيني اَٿيئي، اِنهيءَ کي ته هَڪلي ڇڏ!

عارف- بابا، مَکِ مُنهنجي ماني تہ ڪا نہ کائي ويندي ؟ ٻِلِي
وينِي هجي.

چيءُ- پُٽَ، مَکِ ماني ڪا نہ کائيندي، پر اُها ڏاڍي گَدِلي ٿي
ٿئي. پهرئين ڪتاب ۾ ڪِين پڙهيو آهين تہ مکيون ڪِنَ،
ڪِچري ۽ ڪَسِيُن تي ميڙا ڪريو ويٺيون هونديون آهن، ۽ اُتان
گند کنيو، اچيو اسان جي کاڌي تي وِهن، ۽ اُن کي خراب ڪن!

عارف- بابا، مَکيون بَرابَر خراب آهن، پر اُسين ماکيءَ جي مَکِيُن
جي ناهيل ماکي ڇو کائيندا آهيون ؟



چيءُ- ماکيءَ جون مَکيُون اِنهَن مَکِيُن وانگُر گدليُون نہ آهن. اُهي
سُرهَن گُلن تي وِهندِيون آهن، ۽ اُنهن مان ماکي ڪَڍَنديُون
آهن. هي مَکيُون ڪاڪُوسَن ۾، گندَ ۽ ڍوندِ تي بہ وِهن.
اُتان پَنهنجيُن ٽنگُن ۽ بَدَنَ جي وارن تي بيماريءَ جا جِيوڙا
کڻيو، اچيو اسان جي کاڌي ۾ وِجهن. ڏٺو ڪِين اٿيئي تہ مَکِ

جتي وِهَندِي آهي، اُتي پنهنجو متو ۽ ٽنگون صاف ڪري ، اُهي
جيوڙا پيئي ڪيرائيندي آهي ؟ هاڻي ٻڌو ته جيڪڏهن اِهڙو ڪاڏو
ڪائيندا سين ، ته اَسان جو ڪهڙو حال ٿيندو ؟

عارف- بابا ، اَسان کي سائينءَ ٻُڌايو آهي ته جيوڙن مان بيمَاري
ٿي ٿئي.

پيءُ- هائو، اِئين بَرابَر آهي .اَسان کي گُهرجي ته پنهنجو ڪاڌو
مَکين کان ڍَڪي رَکون. بزار مان به اهڙي شَي نه وٺجي ،
جنهن تي مکين جا ڍير وينا هجن.

عارف- بابا ، هاڻي مون سمجهيو. ڪڏهن به مکين ڇهنگيَل
شَي ڪين کائيندس.

**مشق:**

١. هيٺيان جملا پڙهو:

(١) اَسان کي گُهرجي ته پَنهنجو ڪاڌو مَکين کان ڍڪي رکُون.

(٢) اسان کي گُهرجي ته غريبن جي خَبَرَ لَهُون.

(٣) تو کي گُهرجي ته پنهنجا ڏند صاف رَکين.

٢. هيٺين لفظن جي اُبتڙ لفظ ٻُڌايو:

گَدلِي- بانَس - بيمار - ڍَڪيَل - وڙيڪ.

**لفظ:** ڪيڏيون - ڇهنگيل.

## سَبَق چوئيتاليھون

# مَاءُ جو چيو مَڃَڻ

يُوسف- عَزِيز، اِسڪُولَ جا ڇوڪر وَنجھوَنِي، راند ڪَرَڻ ويا آهن: تون هَلندين؟

عَزِيز- هائو، پر اُما گهر آهيئي ڪانه. اُما مُون کي چئي ويئي آهي ته ”ڪيڏانهن ٻاهر نه وَڃجانءِ، جيسين مان موٽان.“

يُوسف- ماسي اَلا جي ڪَڏهن موٽي. جي تون نَٿو هَلِين، ته مان ڇَڙو ئي وڃان ٿو هليو.

عزيز- چو ايتري تَڪڙ لاتي اٿيئي؟ منهنجو سَوٽُ بيمارُ ٿي پيو آهي، تنهن کي اُما ويئي آهي پُڇَڻ. اِجها آئيندي آئي!

يُوسف- اُتي ته اَلائي ڪيترو تَرسي؟ اُجوڪي راند ڏاڍو مزو آهي!

عزيز- هائو، مُون کي به اها خَبَر آهي. مُنهنجي به دِل آهي ته هَلِي ڏِسَان، پَرَ اُما چئي ويئي آهي ته ”ٻاهر نه نِڪرج.“ جيڪَرَ بابو گهر هُجي ها، ته کانئس موڪلَ وٺي هَلان ها. پر هُو به ٻاهر نِڪري ويو آهي.

يُوسف- عَزيز، جي توڪي راند تي شَلُئو آهي، ته هِيئَن ڪر: مان ويهي تو گهرَ جي سَنيالَ ڪريان، ۽ تُون ڊوڙي وَڃي، ماءُ کان موڪلَ وٺي آءُ.

عزيز- ڀيلي، اِها رِٿَ ته چڱي، پر جي موڪلَ وٺڻ لاءِ ڀِئي گهر ڇَڏي وِيندُس، ته ٻه ٻي ڇيو ڪينَ ڪونيندِيم؛ سُون، جيڪَرَ وَٺِس وڃين ته ڏادي ڀَلائي!

يُوسف- مُون کان ٻِئي اِهڙي تڪليف ٻجي!

عَزيز- ڇگو يوسف، تون راند تي ڀَلِي وَڄُ؛ مان ڪو نه ٿو هَلان. پهريائين ماءُ جو ڇيو، پوءِ راند جو مَزو.

مشق:

١. عزيز کي ماڻس ڇا ڇئي ويئي هُئي؟
٢. يُوسف، عزيز کي ڪيڏانهن لئي وٺي ويو؟
٣. عَزِيزُ ڇو نه يوسف سان گڏ راند تي ويو؟

لفظ: ڇرڙوڻي - سَنيالِ - ٻي ڇيو - تَڪلِيفَ.

---


سَبَق پنجيتاليهون

# ڪُڪِڙ ۽ بَدَڪ

هِڪڙي ڏينهن، جُمَن پَنهنجي گهر ڪِلاسِيُن کي ڪُڪِڙيُون



۽ بَدَڪُون ويٺي ڏيکاريُون، ته ايتري ۾ ياڻس ويجهو اَچي هنن کي
چيو ته ”چوڪرو، بَدَڪَ جي چُهنبَ ته ڏِسو ته ڪيڏي نه وڏي ۽
ويڪري آهي! هُوءَ مَٿو پاڻيءَ ۾ نِئُڙائي، مَچي جَهلي، ڪِيئَن نه
چُهنبَ سان ڪَڙِڪَڙِ پيئي ڪري، ۽ ڪيئان ۽ جِيتَ ڪيئن نه
پيئي ڳِڙڪائي! ڪُڪِڙ جي چُهنب به ڏِسو: اُها ننڍي ۽ نوڪدار
آهي. اِنهيءَ ڪري، اُها اَنَّ جا دَاڻا تڪڙو تڪڙو کِڻي پيئي کائيءَ. هُوَ
ڪُڪُڙ اَٿوَ، جنهن کي ڳاڙهي چوٽي آهي. چوڪرو، بَدَڪُن جي
پيرن جون آڱريُون هِڪَ ٻئي سان ڳَنڍيل اَٿوَ. پر ڪُڪڙَن ۽
ڪُڪِڙين جي پيرن جُون آڱريُون جُدا جُدا آهن. انهيءَ ڪري، بَدَڪُون
ڏِسو ته ڪيئن نه پيئون تَرَن! بَدَڪُن جي ڪَنيَن مان ڏسو ته پاڻي



ڪِيئَن وَهِي پيو وَڃي ! اِنهن ۾ سَنْبُ آهي ؛ پر ڪُڪڙيُن جي ڪنين ۾ ڪونهي، جنهن ڪري جڏهن مِينهُن پوندو آهي، تڏهن سَندَن ڪنبَ پُسِي پوندا آهن، ۽ وَڃي لِڪنديُون آهن. ڇوڪرو، بَدَڪُون ۽ ڪُڪڙيُون ڇاڙي ڪِينَ کائينديون آهن. اُهي ٻهريائين سَڀي جي سڀي شَيُ ڳڙڪائي ويندِيُون آهن. اُنهن جي پيٽ ۾ هِڪڙي سَخت ڳَلَ جي ڳوٿري يا ڳُجِي ٿِئي ٿِي، جنهن ۾ هو جيڪي کائين، سو وڃيو پوي، ۽ جتي اُهو ڳِري، نَرمِ ٿِي پوندو آهي. اُنهيءَ کان پوءِ، اُهو کاڌو هَضم ٿيندو آهي.

مشق:

۱، هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(۱) بَدَڪ جي چُهنبَ ڪِيئَن آهي ؟

(۲) چُهنبَ سان ڪهڙو آواز ٿي ڪيدي ؟

(۳) ڪُڪڙ جي چُهنبَ ڪِيئَن آهي ؟

(۴) بَدَڪَ جا پير ڪِيئَن آهن ؟

(۵) ڪُڪڙ جون آڱريون ڪِيئَن آهن ؟

(۶) بَدَڪَ جي ڪنين کي ڇا لڳل آهي ؟

۲، پنجن ٻين پکين جا نالا ٻڌايو !

لفظ : ٻِٽڙائي - ڪِيئنان - نوڪدار - ڳنديل - هَضم - سَنْبُ.

## سَبَق ڇائيتاليهون

# ڳوٺ جي صَفائِي

سَلِيم-اُدا رَحِيم، اُسان جو ڳوٺ ڪيترو نه گندو آهي. هوڏي گندَ جي ڍير تي مَکيُن جا ميڙ ته ڏِسُ! مَکيُون اُتان اُٿي، وَڃي کاڌي جي شَيُن تي وِهنديُون. اُستاد چيو ٿي ته "مَکيُون بِيمَاري پکيڙينديُون آهن."



رَحِيم-اُدا، سَچُ ٿو چَوين. پَريان هن کُوهِ ڏي نِهار. حَوضُ وٽ

ڪيتري نه گپ ۽ ڪچرو پيو آهي!

سَليم- گهٽين ۾ وَري ڪا ٿوري گندگي آهي ڇا؟ گهرن مان جيڪو پاڻي هاريو اٿن، تنهن تي مکين ۽ مڇرن جا مُچا ڪيئن نه اچي مڙيا آهن!

رحيم- تنهن ڏينهن، ماستر صاحب چيو هو ته ”اسان کي پنهنجو ڳوٺ صاف رکڻ گهرجي، نه ته ڪا نه ڪا بيماري ضرور پکڙندي.“ مان ته ساڻس گڏجي، صُبحاڻي کان ئي ڳوٺ جي صفائيءَ ۾ مَدَدَ ڏيڻ لاءِ ويندس.

سَليم- اَدا! مون کي به ٻُڌاءِ ته اُستاد ڇا چيو هو؟

رحيم- اُستاد صاحب چيو ٿي ته ”ڳوٺ جون گهٽيون صاف رکڻ کپن. نالين کي روز پاڻيءَ سان ڌوئي، منجهن چُنُ ڇٽڻ گهرجي. ماڻهن کي گهرجي ته گهر جو گندُ ڪچرو ٻاهر پوڻي تي هڪڙي ئي هنڌ ڪٺو ڪن.“

سَليم- يار، تڏهن مان به تو سان گڏجي، استاد صاحب کي مدد ڏيڻ لاءِ، هلندس.

مشق:

١. هيٺين لفظن مان هڪ هڪ لفظ کڻي، جُملن جا خال ڀريو،
مڙيا آهن - نهار - وسنديون - چيو هو - هلندس.

(الف) مَکيُون اُتان اُٿي، وڃي ڪاٺي جي شين تي ——————.

(ب) پريان هن کوه ڏي ته ——————.

(ج) مکيون ۽ مڇرن جا مُڇا، ڪيئن نه اَچي —————— ؟

(د) ٻُڌاءِ ته اُستاد ڇا —————— ؟

(ه) مان به اُستاد صاحب کي مدد ڏيڻ لاءِ ——————

**لفظ:** رَحيم- پکيڙيندِيون - گهٽين - مُڇا.

---

## سَبَق سَتيتاليهون

# ٺاٺوءِ ٺاٺي جا باسڻ

مُنهنجي پيءُ کي ٺاٺي جو دُڪان آهي. اَسان جي دُڪان ۾ ٺامي مان ديڳڙا، ٿالهه، ڪَٽورا، گهاگهريون ۽ چونرِيون جُڙنديُون آهن. اُهي ٺاٺارا ٺاهيندا آهن. سَڄو ڏينهن، اُتي "ٺا، ٺا" پيئي ٿئي. تُون جيڪر اُتي وڃين، ته جهٽ ٻوڙو ٿي پَوين.

ٺامي کي باهه ۾ وجهبو آهي، ته ٽِپي ٽِپي ڳاڙهو ٿي ويندو آهي. پَرَ ٺڻ کان پوءِ ان تي هِڪڙي ڪارِي شَيِ ڏِسڻ ۾ ايندي آهي. ٺاٺارا اُن کي ڪَٽُ چوندا آهن. ٺامي تي ڪاري يا ڪَٽِي شَيِ وڃڻ ڪري به ڪَٽُ چڙهي وِيندي آهي. ٺامي جي ڪَٽُ زَهرُ آهي.

ٺامي جا باسڻ اَسان جي دڪان تي صافُ ڪري رَکبا آهن، ته

ڏاڍا پيا چلڪندا آهن ۽ پر تڏهن به بابي چيو اُتم ته "اُنهن ٽانون ۾ ٽيستائين ڪڏهن به نه رڌجي، جيستائين اُنهن کي قَلعي نه ڪرائجي. ٽامي جي ڪٽيلن ٽانون ۾ رڌل کاڌي کائڻ ڪري، ماڻهو مري به ويندا آهن". هَلُ ته پنهنجي دُڪان تي وَڃي هلون.

بلي، ٽامي مان جي پايُون ۽ پيسا ٺهندا آهن، خَبَر اَٿيئي، اُهي ڪٿي جُڙندا آهن؟ ٻُڌ، اُهي لاهور ۾ سرڪاري ضربخاني ۾، ٺهندا آهن.

مشق :

هيٺين سوالن جا جواب ڏيو :

١، ٽامي مان ڪهڙا ٽانو جُڙندا آهن؟

٢، ٽامو هڪ ڌاتُو آهي . ٻين ٽن ڌاتن جا نالا ٻڌايو؟

٣، ٽامي جي ٽانون کي قلعي چو ڪرائبي آهي؟

٤، جيڪي ماڻهو ٽانو جوڙيندا آهن، اُنهن کي ڇا چئبو آهي؟

لفظ : ڪٽورا - گهاگهريُون - چوڙيُون - زَهرُ - ڪَٽيَلَن - ضَربخانو.

## سبق اُڻيتاليهون

# مَاني ۽ ڪِڇِڙِي

هڪڙي ڀيري، مانيءَ ۽ ڪِڇڙيءَ جو آپِي پاڻ ۾ جهيڙو لڳو. ماني

چوي ته ”آءُ چڱي“، ڪِڇِڙي چوي ته ”آءُ چڱي“. سو ٻئي ويون گهر جي مالِڪياڻيءَ وَٽ، ۽ چيائونس ته ”تون اُسان جو نبيرو ڪر.“ مائيءَ چيِن ته ”اوهين ٻئي ڏاڍيون ڪمائتيون آهيو. اسين ماڻهو اوهان ٻنهي کي خُوشيءَ سان کائيندا آهيون. ڪنهن وَقت ماني کائون، ته ڪنهن وَقت وري کِچِڙي. پر اوهان کان سواءِ، اسين ٻيون به ڪيتريون ئي شيون کائيندا آهيون. مانيءَ سان سايون ڀاڄيون، جهڙوڪِ گوبيون گوارِ، پالڪ، ميٿي، توريون، ڪَدُو، ڀينڊيون، ڪريلا، ٻٽاٽا ۽ ٽماٽا کائون. گوشت، مَڇي، پَلو ۽ بيضا به اُن سان کائيندا آهيون چانورن سان وَري داليون، اَنبُ، کِير ۽ کَنڊ کائون. چانورن مان خُشڪو، پُلاءُ، زَردو، قورمو ۽ طاهِري به تيار ڪري کائون ٿا. اَسين جيڪو کاڌو کائيون، تنهن ۾ گيهُ، لُوڻُ ۽ ٻيا مصالحا به وجهون. جيڪڏهن اِهي شيون نه کائون، ته جيڪر اهڙا سگهارا رهي ڪِينَ سگهون!“

اِها ڳالهه ٻُڌي، کِچِڙي ۽ ماني پاڻ ۾ پرچي ويون.

**مَشق:**

١، پنجن ڀاڄين جا نالا ٻُڌايو؛
٢، پنجن ميون جا نالا ٻُڌايو؛
٣، چانورن مان ڪهڙا کاڌا ٺهندا آهن؟

**لفظ:** مالِڪياڻي - نبيرو - ڀينڊيون - قورما - طاهِري - مَصالحا.

## سَبَق اوڻونجاهون

# مُنهنجو ڦُوڪڻو

ڦُوڪي ڦاڙ نہ ڦُوڪڻو،
مُنهنجو آهِ مَلُوڪڻو!



(١): ڦاٽي پَوَندو، سِبِي نہ سَگهبو،
ڪَوئنرَ لَئِيءَ سان لِنبِي نہ سَگهبو.

ٽوڪَرُ ڏيندي ٺويٽو،
ڦوڪي ڦاڙِ نه ڦوڪِٽو!
(٢) نَرَمُ ڏِسين ٿو ڪهڙو آهي!
جنسي ريشَمَ جهڙو آهي!
هَلي هَوَا ۾ ڏوڪِٽو،
ڦُوڪي ڦاڙِ نه ڦوڪٽو!
(٣) ڦُوڪَڻَ سَان هِي گولو ٻَڌندو،
چِڏي ڏيڻ سَان سِيٽِي هَڻندو،
"ڪُوڪُو" ڪَندو ڪُوڪِٽو،
ڦُوڪي ڦاڙِ نه ڦُوڪِٽو!

---

## سَبَق پَنجَاهون

# ڪُوهُ

مَظْهَر۔ نَجْم، هِيءُ اَسان جي ڳوٺ جو کُوه اَٿيئِي. اَسِين پنهنجي پيئڻ جو پاڻي هتان ڀَرائيندا آهيُون.
نَجْم۔ مَظهر، اوَهان وَٽ نَلَ ڪو نه آهن ڇا؟

مَظهَر- ٻَهراڙيءَ ۾ گوٺن ۾ نَلَ ڪو نه ٿين. ماڻهُو کُوهَن مَان يا واهَن ۽ تلائُن مان پاڻي ڀرِيندا آهن.



نَجم- کُوهَن ۾ پاڻِي ڪِٿان ٿو اَچي؟

مُظهَر- کُوهَن ۾ پاڻِي هيٺان زمِينَ مان ٿو اَچِي. ماڻهُو جيئَن پاڻِي ڀَرِيندا وَڃن، تِيئَن ٻيو پاڻِي سِميو اَچيو اُن ۾ گَڏُ ٿئي. کُوهه ۾ نِهاري ڏِسُ ته پاڻِي ڪيترو نه هيٺ آهي!

نَجم- مار! ايترو هيٺان پاڻِي ڪِيئَن ڀَربو؟

**مَظهَر**- پاڻي پَرَڻَ لاءِ هيٺ ڪو نه وڃبو آهي. هِنَ سَرائيءَ ۾
جيڪا گِرَڻ ڏسين ٿو، اِنهيءَ تي هيءُ واڄه چاڙهي، اُنَ ۾
ڏول ٻَڌي هيٺ لاهبو آهي. جَڏهن اُهو ڀَرِبو آهي،
تڏهن مَٿي ڇڪي وَٺبو آهي. اِڄهو حُسَين به پيو اَچي.

**حُسَين**! اَسان کي کُوهَ مان هِڪُ ڏول ڀري ڏيکار.
اِهو مِٽيءَ ڀَريل دِلو کُوهَ ۾ نه وِجهه: کُوهَ جو پَاڻِي
خَراب ٿِي پَوَندو. کُوهَ مان پاڻِي ڪَڍَڻَ لاءِ هَميشه
صَاف ٿانوُ ڪَم آڻ گُهرجي.

**حُسَين**- مُون کي تَڙُ ڪَرڻو آهي. هِيءُ پاڻِي اَوَهان کي ته
ڪو نه گُهرجي!

**مَظهَر**- اَسان کي ته ڪو نه گُهرجي؛ پر تُون کُوهَ وَٽ تَڙُ چو ٿو
ڪرين؟ پَريان هُنَ حَوضَ وَٽِ ڇو نه ٿو وَڃي وِهنجين؟
هِتي وِهنجَندين، ته پاڻِي ٻيهِي رَهندو، ۽ اُهو خَراب
پَاڻِي آهِستي آهِستي سِمِي، وَرِي به وَڃِي کُوهَ ۾ پَوَندو.

**حُسَين**- تڏهن کُوهَ وَٽ ڪَپڙا ۽ ٿانوَ به نه ڌوئِجَن، اُنهَن جو
به ته پاڻِي خَراب آهي!

**مَظهَر**- هائو، کُوهَ وَٽِ ڪو به پاڻِي نه هَارِجي. ٻيئَلَ پَاڻِيءَ تي

مَڇَرَ ۽ ٻيا جيوڙا ٿين ٿا، جن جي ڪري تپ ٿاءُ ٿئي ٿو. اِنهيءَ ڪري ته بابي اهو حَوضُ ڀرائي ڇڏيو آهي، ۽ روز کُوه جي پاسَن کان اُچو چُنُ هارائيندو آهي، ته جيوڙا هُجَن ته مَري وَڃَن! بابو، کُوه جي پاڻيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڳاڙهي دَوَا به وجهائيندو آهي.

حُسَين- چڱو، مان وَڃي ٿو گهر وِهنجان.

مَظهر- چڱو، نَجم، هَل ته پاڻ بِه هَلِي ماني کائُون.

مشق:

۱، هيٺين جُملن مان، جيڪو پهرئين جُملي جو نتيجو آهي، سو چُونڊيو؛

(الف) کُوه وَٽ گهڻو پاڻي هارڻ، ته { سُڃي هوا لڳندي. / ڍور ڍگا اهو پيئندا. / پوسل ۽ مڇر ٿيندا.

(ب) کُوه ۾ پاڻي { دَرياءَ مان اَچي ٿو. / هيٺان زَمِينَ مان اَچي ٿو. / نَلن مان اچي ٿو.

لفظ: مَظهَر- جيئَن- واجُهه- ٿانوَ- حَوضُ.

## سَبَق ايڪونجاهون

# ڪَمَنْدَ ڄي پوکَ

يَعْقُوب - اَماءِ اَڄ اَسان جو اُستاد، اَسان کي ڪَمَنْدَ جو ڇيڇڙو ڏيکارڻ وَنِي وِيو هو. اُتي، هُنَ اَسان کي گُڙ ٺاهڻ جو رستو ٻُڌايو. هُن چيو ته ”ڪَمَنْدَ جي پوک ڪارِيءَ زمين تي ڀَلي ٿيندي آهي. اُن جي پوکڻ لاءِ، پهريائين زمين کي تمام چڱيءَ طَرَحَ ڪَمائِجي؟ “



خُوب پاڻي ڏجي. پوءِ پَڪَل ڪَمَنْدَ جُون ننڍيون ننڍيُون گِريون زَمين ۾ اَندر رَنبي سَان پُوريو، پاڻي ڏيئي ڇڏجي. اُهي گُريون هِڪ ٻَئي ڀِڳهيُون هُئَڻ گُهرجن، ۽ اُهي اهڙيءَ طَرَحَ پوکجن، جو

اُنهن جون اکيُون متي تين. ٻيو ته ڪَمَنڊَ جي پوک کي گهڻو پاڻي گهُرجي. جَڏهن ڪَمَنڊُ قُٽَڻ لڳندو آهي، تڏهن قِسمين قِسمين گاهَ ٻه ساڻُن ٻارَن ۾ جَمي پَوندا آهِن."

پيءُ- ڇوڪر، خَبَرَ اٿيئي ته جَهنگ ۾ مِرُن ۽ گِدَڙن کي ٻه ڪَمَنڊُ ڏاڍو وَڻندو آهي! تنهنڪري ۾ رات جي وَقت، اُنهيءَ پوک تي واهِي رِڇ ويهبو آهي. ٻِلا، ٻُڏاءِ ته ٻُرُڻ ڪِيئَن ٿا ناهِين؟

يَعقُوب- بابا! جَڏهن ڪَمَنڊَ جي پوک پڇي رهي، تڏهن اُنهن مان نَنڍا نَنڍا ٽُڪرڪَپي، لوهَ يا ڪاٺ جي ڇيچڙن ۾ پيڙجَن، ته اُنهن مان رَسُ نڪري اِيندي. پوءِ اُها رَسُ هِڪڙيءَ ڪڙاهِيءَ ۾ وجهي، باهِ تي ڏاڍي ڪاڙهجي، ته اُن مان ٻُرُڻُ نهي پَوندو. پر جي رَسُ کي پُورو پُنو ڪاڙهبو، ته ڪَکَهُ نهي پَوندو.

**مشق:**

(۱) هيٺين مان لفظن جا اهڙا جوڙا ناهيو، جو هڪ لفظ جي معنيٰ ٻئي جي اُبتڙ هجي:

ويو- ڪارِي- خُوب- اُڇي- ٿورو- پُوري- آيو- ڏِکيون- کولي- ٻندريون- خَرَاب.

(۲) هڪ ڪُئي کي "ڪُئُو" چئبو، گهڻن ڪُئن کي "ڪُئا" چئبو- هيٺيان گهڻا هجن ته ڇا چئبن؟

طوطو- ٻلو- زِبانَ- ڇوڪري- پاڻي- مَسجد- رِڍَ.

لفظ: ڇيچڙو- قِسمين- ڏکيون- وَاهِي- ڪڙاهِي- ڪاڙهجي- ڪَکَهُ.

## سَبَق پاوَنجاهون

# بُتَ جَا مُکيه عُضوا.

هِڪڙي ڏِينهِن، هڪڙو مَکَڙُ هڪڙي نندي ڇوڪرَ کي گڏيو. اُکيون کولي، عَجَبَ ۾ پَئِي، ڇوکرَ کان پُڇيائين ته "اَڙي ڇوکرا! تُنهنجو بُتُ ته عَجِيب ٿو ڀانئِجي: پر تُنهنجا سِگَ ڪٿي؟" تنهن تي، ڇوڪر ورائيس ته "اَڙي مَکَڙَ، تُون ته ڪو گهيلو ٿو ڀانئجين. مان ماڻهو، تنهن کي وَرِي سِگَ ڇاجا؟"

"تڏهن، ڇوکرَ، ڀلائي ڪري ٻُڌائِينم ته توکي ڇا ڇا آهي؟"

"ڀلا، مَکَڙَ، ٻُڌ! هِيءَ مُنهنجي سِسِي آهي. سِسِيءَ هيٺان ڳِچي اَٿم. اُنهيءَ هيٺان جيڪو بَدن اَٿم، اُن کي ڌَڙُ چئبو آهي. هِي نَڪُ، هِي ڪَنَ، هِي اَکيُون ۽ وَاتُ اَٿم. مُنهنجي وَاتَ ۾ ٻَتِيه ڏَندَ آهن، ۽ جِڀَ هيٺان ڪاڍي اَٿم. اکين مٿان ڪاپارُ اَٿم. هِي مُنهنجي ڇاتِي، پيٽُ، پُٺِي ۽ چيلهه آهن. اِهي سڀ ڌَڙَ ۾ اَٿم. هي مُنهنجا هَٿَ آهن. مُنهنجَن هَٿَن ۽ ٺُونٺيُن جي وچ ۾ ڪرايُون آهن. هِي هَٿَن جُون آڱريُون آهن، جن جا جُدا جُدا نالا آهِن: ڇيچَ، ٻاچَ، وِچين، ڏَسِڻي ۽ آڱوٺو. مُنهنجن پيرن ۽ ٽنگُن جي وچِ مُرا آهِن-

مُنهنجي سَڄي ٻُتَ جو بارُ پيرن تي آهي. مُنهنجي ٽَنگَ جي هيٺين ڀاڱي کي پِني ۽ مٿئين ڀاڱي کي سَٿَرَ چوندا آهن.“

اِهو سڀ ٻُڌي مَڪَڙُ ويچارو ڪُجھ وَقت وِيچَار ۾ پئجي ويو.

**مشق :**

هيٺين سوالن جا جواب ڏيو :

۱. مُنهن ۾ جيڪي عضوا آهن، انهن جا نالا ٻُڌايو!

۲. ڌَڙَ ۾ جيڪي عضوا آهن، انهن جا نالا ٻُڌايو!

۳. ٽنگن ۾ جيڪي عضوا آهن، انهن جا نالا ٻڌايو!

۴. ٻکين کي، اسان کان وَڌيڪ ڪهڙا عضوا آهن؟

۵. ڍڳين ۽ مينهين کي، اَسان کان وڌيڪ ڪهڙا عضوا آهن؟

۶. پڙهيل بيتن مان هڪ ڳائي ٻُڌايو!

**لفظ :** عَجيب - پانڇين - چيلهه - ڪَرايون - هيٺين.

---

## سبق ٽيونجاهون

# ڪِير ڏيندڙ جانور

اُستاد- هَارُون! تون روز کِير پيئندو آهين: ٻُڌاءِ ته ڪِهڙا ڪِهڙا

جانور ڪِير ڏيندا آهن؟

**هارُون**- هائو سائين! ڳئُون، مينهِنيُون ۽ ٻَڪريُون ڪِير ڏيندِيُون آهن.

**لَطِيف**- سَائين، ماما چيو ته رِڍُون ۽ ڪي ٻيا جانوَرَ به ڪِيرُ ڏيند آهن.

**اُستاد**- ها، اِئين برابر آهي. مينهن سِيني جانوَرَن کان گهڻو ڪِيرُ ڏئي ٿي. سندس ڪِير گهاٽو ٿئي ٿو، ۽ اُن مان مَکَڻُ به جام نِڪري ٿو. مينهِنيُون، پاڏا ۽ وَڇون چئِين. ڳئُون جو ڪِيرُ هَلڪو ٿئي ٿو، جنهن ڪري بيمار ماڻهُن لاءِ فائدي وارو آهي. اُن جي ڪير مان به مَکَڻُ نڪرندو آهي. سَندس ڦَرَن کي 'ڳابا' ۽ 'ڳابِيُون' چئبو آهي. ڳابا وڏي هوندي 'ڍڳا' سڏبا آهن. اهي هَرُ ڪاهين، نارَ ۾ هُرلي ۾ وَهَن، ۽ بارَواريُون ڳاڏيُون ڇِڪين.

ٻڪرِي به ڪِيرُ ڏِيندي آهي. اُن جو ڪِير، ڳئُونءَ جي ڪِيرَ کان بہ هَلڪو ۽ چِڊو ٿِئي ٿو. ٻَهراڙِيءَ جا ماڻهُو، ٻَڪريُون عامَ جامَ پالِيندا آهن. ٻَڪرارَ، ٻَڪرين جا چيلا وِڪڻِي، پَيسا ڪَمائيندا آهِن. ٻَڪرِيءَ جي وَارن کي 'ڏاس' چئبو آهي. ڏاسَ مان نوڙيُون، توبرا، خُرزِينون ۽ ٻيُون به ڪيتريُون

شيُون نُهنديُون آهن. رِڍَ جي کِيرَ مان گهِٽي اُپت ڪا نه ٿِئي. ان جي وارن کي 'اُنَّ' چئبو آهي. ريڍارُ اُنَّ جي وِڪري مان چڱو ڪمائيندا آهن. اُنَّ مان ڪَرُڙ، ڪَٿا، فَراشِيُون، لوئيُون، غالِيچا ۽ ٻِيُون به گهڻيئي شيُون ٺهن ٿيُون. جنهن ماڻهوءَ وٽ کِير ڏِيندَڙُ مال هوندو آهي، تنهن کي 'پاڳيو' چئبو آهي، يَعْني 'پاڳَ وارو'.

## مشق:

١. هنن سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) ڪهڙا جانور کِيرُ ڏيندا آهن؟

(ب) ڳئُونءَ جي مادي ڦَرَ کي ڇا چئبو آهي.

(ج) ٻَڪِريءَ جي نَرَ ڦَرَ کي ڇا چئبو آهي؟

(د) رِڍَ کي گهڻا ٿَڻَ ٿيندا آهن؟

(ه) گهٽو مَکَڻُ، ڪنهن جي کير مان نِڪرندو آهي؟

٢. هيٺين لفظن مان نهڪندڙ نَرُمادِ جوڙا ناهي ڏيکاريو.

پاڏو - ڇيلِي - سانُ - ڳابِي

وَڇِ - مينهِن - ڳابو - ڇيلو

لفظ: پيئندو - مينهِنيُون - عام - خُرزِيئُون - توبرا

## سَبَق چوونجاهون

# چَار طَرَفَ

عُرْسُ ۽ صَفَرُ ٻہ ڀائر هُئا. عُرْسُ وڏو هو. هِڪڙي ڏينهن صُبحِ سَوير اُٿي، وِيَا جهنگ ۾ ڪاٺيُون ڪرڻ. ڏري ڪان پوءِ سِجُ ڪَرِي ڪيڏي. صَفَر، تنهن تي ڀاءُ کي چيو تہ "اداء ڏِسُ تہ هُتان ڇيو سِجُ نِڪري!"

عُرْس - سِجُ، هَميشہ اِنهِيءَ پاسي کان نِڪرندو آهي؛ اِنهيءَ ڪري اِنَ پاسي کي 'اُڀِرَندو' طَرَفُ چَوَندا آهن. شَامَ جو وَرِي اِن جي سَامهُئين پاسي، سِجُ لَهَندو آهي. اِن ڪري، اُنَ کي وَرِي 'اُلهندو' طَرَفُ چوندا آهن.

صفر- اُداء 'اُڀِرَندو' ۽ 'اُلهندو' تہ ٻہ طَرَفَ ٿيا. باقي ٻن ٻن طَرَفَنْ کي ڇا چَئجي، ۽ اُنهن کي ڪيئن پَروڙجي؟

عرس- صَفَرَ، تو کي اُڀِرَندو طَرَفُ تہ سُڃاڻڻ ۾ اَچي ٿو. چَڱو، هاڻي اُڀِرَندي طَرَف مُنهُن ڪري بِيهُ. جنهن پاسي تنهنجو کابو هٿ آهي، ان کي 'اُتر' چئبو آهي. وَرِي جنهن پاسي تنهنجو ساڄو هَٿ آهي، اُن کي 'ڏکڻ' چئبو آهي.

صفر. اُيرندي طَرَفُ جي خبر ته رُڳو ڏينهن جو پئي سگهندي پوءِ، رات جو ڪِيئَن خبر پَوي ته اُتَرُ ڪهڙو ۽ ڏکڻُ ڪهڙو؟

عُرس. راتِ جو وَرِي تارن کي جاچي، چئي سگهبو آهي ته اُتَر ڪهڙو ۽ ڏکڻُ ڪهڙو. اهو، جُڏهن وڏو ٿيندين، تڏهن پاڻهي سکندين.

**مشق:**

۱. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) اُيرندو طَرَفُ ڪهڙو آهي؟

(ب) اُلهندو طرف ڪِيئَن سُڃاڻجي؟

(ج) اُتَرُ ڪِيئَن سَڃي ڪجي؟

(د) ڏکڻُ طرف ڪهڙو آهي؟

۲. هڪ ڪاٺيءَ کي 'ڪاٺي'، ۽ ٻن کي 'ڪاٺيون' چئبو آهي: هيٺيون شيون هڪ کان وَڌيڪ هُجن ته اُنهن کي ڇا چئبي:

حُڪُمُ - مَندو - دِلو - آڱرٽي - لاٽُون - مُلڪُ.

ڪُتو - نِمازُ - چورُ - مُهَرَ - مائِي - زالَ - طوطو.

**لفظ:** اُيرندو - اُلهندو.

## سبق پَنجوَنجاهون

# سِجُّ، چَنڊُ ۽ تارَا





آسمانَ ۾ سِجُ، چَنڊُ ۽ تارا ته اوهين روز ڏِسوٿا! سِجُ اُڀري، ته ڏينهن ٿئي؛ سِجُ لَهي، ته رات ٿئي. جنهن مَهَل سِجُ اُڀرندو آهي، تنهن مَهَل صُبح ٿيندو آهي. اُن وَقت اُسَ اِهڙي تِکي نه ٿيندِي آهي، جنهن ڪري سِجَ ڏانهن نِهاري سگهبو آهي. سِجُ جيئن مٿي چَڙهندو ويندو، تيئن اُسَ وِيندي وَڌندي ۽ تِکي ٿيندي. سِجَ لٿئي، گرمي گهٽجي ويندي آهي. سِجُ ڏسڻ ۾ سو ننڍو ٿو ڀانئجي، پر آهي تمام وڏو. اسان جي زمين، سِجَ کان گهڻي ننڍي

آهي. سِجَ جي گرمي ۽ روشني نه هُجي، ته جيڪر اِنْسانَ ۽ حَيوانَ جِيئرا ڪِينَ رهي سَگهن؛ نه کيتيُن ۾ اَنُّ ٿئي، ۽ نه باغن ۾ ميوا پَچن.

چَنڊ جي رَوْشَنِي ٿڌِي ٿِئي ٿي. چَانڊوڪيون راتيون ڏاڍيون وَڻنديون آهن. پهرينءَ تاريخ جو چَنڊُ، سَنهيءَ لِيڪَ وَانگر ٿيندو آهي. پوءِ وَڌِي وَڌِي، چوڏِهينءَ تارِيخ، سِجَّ وانگي گول ٿي پَوندو آهي. مُسْلِمانَن جا مَهينا، چَنڊَ تي ٻيڪبا آهن. سال جي پهرئين مَهيني کي مُحَرَّمُ، ۽ پوئين مهيني کي ذُوالحَجّ چئبو آهي.

تارن ڏي ڏسو ته ڪهڙا نه گول ۽ وڻندڙ آهن! اُڀُ سَڄو اُنهن سان ڇانيو پيو آهي، ۽ ڪهڙو نه سُهڻو پيو لڳي! ڄڻ ته نيليءَ چادر تي ڦُلَ وڇايا پيا آهن. رات جي وقت جهنگن يا پوٺن تي هلندي هلندي، جيڪڏهن ڪو ماڻهُو رَسْتو وڃَائِيندو آهي، ته تارن کي جاچي، طَرَفَ سَهِي ڪري سَگهندو آهي.

## مشق:

١. هيٺين جُملن جا خال، هنن لفظن مان چونڊ ڪري، ڀريو:

رات - ڏينهن - مُحَرَّمُ - اُسَّ - تارا - چنڊ.

(الف) سِجُّ ———— جو اُڀرندو آهي.

(ب) سِجُّ لَهي، ته ———— ٿيندي آهي

(ج) سج مٿي چڙهندو آهي، ته ــــــــ ٿِکي ٿيندي آهي.

(د) چنڊ جي رَوشني ــــــــ ٿيندي آهي.

(ه) مسلمانن جي سال جو پهريون مهينو ــــــــ آهي.

(و) رات جو آسمان ۾ ــــــــ ڏسبا آهن.

٢، تصويرن ۾ جيڪي ڏسو ٿا، اُنهن مان هرهڪ جو بيان ڪريو!

**لفظ:** ڪيتُن - چانڊوڪيون - چوڏِهينءَ - وڃائيندو.

---

## سبق چاونجاهون

# ڀهراڙيءَ جو ڳوٺ

**هَارُون.** قاسم! صُبحاڻي ڪان اِمتحَان جي موڪل آهي. ڪِيئَن، پنهنجي ڳوٺ وَڃي هلنديم؟

**قاسم.** اُڪين سان! اُسان جي ڏِڳي گاڏي جاڻ ته آيئي؛ سَنِيري اَچ، ته هَلُون.

**هَارُون.** جاڻ ته آيس. رُڳو ٻه وڳا ڪپڙن جا ۽ ڪُجهه ٻيو ضرُوري سامان کڻُو اَتم.

شام جو گاڏي به آئي، ۽ ٻئي دوست ان تي چڙهي، رَوانا ٿيا. هَارُون اڳي ڪڏهن به شهر جُدا ڏي، ڪنهن ڀهراڙيءَ جي ڳوٺ ۾

ڪو نه ويو هو؛ سو کُليل مَيدان ۾، چوڌاري سَاوَڪ سبزي ڏِسي، ڏاڍو خوش ٿيو. مانيءَ ٽُڪُرُ کائي، ٿورو آرام ڪيائون، ۽ پوءِ ويا ٻڌڻ گُهمڻ.

قاسم- هِيءُ کُنِيارُ آهي، ۽ مِٽيءَ جا ٿانوَ وينو گهڙي. پريان، واڍو گاڏيءَ جا ڦيٿا پيو ناهي. هُو لوهار ڏس ته ڪِيئَن نه وينو ڏاٽَن تي ڏَندا ڪڍي!

هارون- پر هو ڇا پيو ڏِسجي؟

قاسم- اَدا! اِهو نارُ آهي. پَرسان هُرلو به اَٿَس. اُنهَن ۾ اُٺ يا ڏَڳا ٻَڌِي، ٻَنيءَ کي پاڻِي ڏبو آهي.

هارون- هن ٻَنيءَ ۾ ڇا ڇا پوکيو اَٿن؟

قاسم- اَدا، اُتي ڪَڻڪَ، مَٽَر، ڇَٽا، سَرهه ۽ چَانيو پوکيل آهِن.

هارُون- هتي جُوئرءِ ٻاجهِري ڪين ٿين ڇا؟

قاسم- ها، اُهي به ٿين، پرڪَتيءَ جي مُندَ ۾. هينئرُ چيٽ جي مُوسِمَ آهي.

هارون- ڀلا، هن پِٽِ جي اَندر، جي وڏا وڏا وَڻ ڏِسجَن پيا، سي ڇا ڇا آهن؟

قاسم. اِهي اُنهن جا وڻ آهن. اَندرهلي ڏِس. هي ليمن ۽ ڏاڙهن جا وڻ آهن. هُو گلاب ۽ رابيل جا ٻوٽا آهن. اُنهن جي پروارن ٻارَن ۾، ميٿي، پالَڪَ، ٻصر ۽ ٿُوم پوکيل آهن.

هارُون. هِتِ گوشت ۽ مَڇي ڪِينَ مِلن ڇا؟

قاسم. ڪڏهن ڪڏهن مِلي به ويندا آهن. اَسين ڳوٺا ٺا کائون ڏُڌُ، کِيرُ، دال ۽ ڀاڄيون. ڪو وڏو ڏينهن تِئي يا مهمان اَچي، ته ڪُڪڙ ۽ ڇيلا به ڪم آڻيون.

هارون. ڪُڪڙَ ڪٿان اَچن؟

قاسم. ڪُڪڙَ پنهنجا ڏاريُون. ٻهراڙيءَ ۾ ڪُڪڙَ جامَ ٿين. وَڏن شهرن ۾ به ٻهراڙين مان ئي ڪُڪڙَ وڪامڻ لاءِ ويندا آهن.

هارون. يار، ٻهراڙيءَ ۾ ڏاڍو مزو آهي! اُونهاري جي موڪل ۾، وَرِي به وَٺي اَچِجَانِئِينم!

مشق:

١- هيٺين ۾ خال ڀريو:

(الف) صُبْحَاڻي ڪان ________ جي موڪل آهي.

(ب) وادو ڳاڙهيءَ جا ——————— وينو ناهي.

(ج) نارمَ اُٺُ يا ڏڳا ٻڌي، ——————— کي پاڻي ڏبو آهي.

(د) ڪپڙن جا ٻه ——————— ڪٽڻا اٿم.


٢. هيٺين جي مادين جا نالا ڏيو:

ڍڳو- اُٺ - ڪُتو - پاڏو - ٻلو- ڇيڙڪُ - مينهن- گهوڙو.

**لفظ :** چَوڌاري - سَبزِي - هُرلو - چانيو - ڏاڙهُن - لوهار- ٻَهْراڙين، اَچْڇَائينم.

## سبق ستونجاهون

# مَاکِيءَ جي مَک



فاطِمَہ ناليِ هڪ سَمْجهُو ڇوڪري هُوندِي هُئِي. ڪي

ڏينهن سانده صُبح جو، ماکيءَ جون مکيون گلن جي وٽن تي ونديون ڏنائين. هڪڙي ڏينهن، ماءُ کان پڇيائين ته "اَما! هي ماکيءَ جون مکيون گلن تي ڇو پيئون وهن؟"

ماءُ- فاطمه، اِهي گُلن مان مِٺي رَسُ ڪَڍي، اُن مان ماکي ناهينديون آهن. اِنهن مکين کي سُونڊِ ٿِئي، جنهن ۾ ننڍا ننڍا ٽِڪا وار آهن، جن سان گُلن جي رَسُ چُوسي، وات ۾ وِجهنديون آهن. پوءِ سياري ۾، جڏهن گُلَ ٿورا ٿيندا آهن،



تڏهن اُها گڏ ڪري رکيل ماکي کائينديون آهن. ڇوڪر،

اِهي مَکيُون سَچو ڏينهن ڪم ۾ رُڌل رهنديون آهن! هِڪَ هِڪَ ماناري ۾ هڪڙي وَڏي مادِي هوندي آهي، جنهن کي 'رَاڻِي' ڪري ڪوٺبو آهي. اُها باهر ڪِينَ وڃي، ۽ نڪو ڪو ٻيو ڪم ڪري؛ رُڳو آنا لاهي. هُوءَ هِڪَ ڏينهن ۾ ڇهه سَوکَن آنا به لاهي وڃي. باقِي ٻيُون مَکيون، اُجا صُبُحُ تَئِي ٻِئِي ڪِينَ، نه وَڃي ڪم کي لڳن، جن مان ڪي ماناري لاءِ ميڻُ جا خانا ناهِين، ڪي راڻِيءَ ۽ سندس ٻچن جي چاڪري ڪن، باقِي ٻيون باهر وڃي، ماکي گڏ ڪن. اِنهن کان سواءِ، نَرَ به ٿيندا آهن، جن کي 'نِڪما مَکا' ڪري ڪوٺبو آهي، اُهي به راڻِيءَ وانگر ڪو به ڪم ڪو نه ڪن.

فاطِمَه. اَمي! مَکيُون ميڻُ ڪِٿان ٿيون آڻين؟

مَاءُ. ڇوڪرِ، اُهو ميڻُ، هو پاڻ مان ڪيئنديون آهن!

مشقَ:

١، خال پري جُملا پُورا ڪريو،

(١) فاطِمه نالي هڪ ———— ڇوڪرِي هوندِي هُئِي.

(ب) ماڪيءَ جون مکيون، گُلن مان ـــــــــ رَسُ ڪڍي، اُن مان ماکي ناهينديون آهن.

(ج) مکين جي سُونڊيُن ۾ ننڍا ننڍا ـــــــــ وارَ آهن.

(د) اِهي مکيون سڄو ڏينهُن ڪَمَ ۾ ـــــــــ رهنديون آهن.

(ه) نَرَ مکين کي ـــــــــ مکا چئبو آهي.

۳. (الف) ماڪيءَ جي مک، ماکي ڇا مان ڪڍندي آهي؟

(ب) مکيون، ميڻُ ڪٿان ڪڍنديون آهن؟

لفظ: ساندهه - ناهينديون - وڄهنديون - چاڪري.

# بَيت

۱. مَک مَاڪِيءَ لَءِ اُٿي سَويرو،
گُلن مٿان سَا ڏِئي ٿي ڦيرو،
ڦُڙو ڦُڙو ڪيو گهرُ پَري ٿي،
سُسُتِي ڪڏهن ڪِينَ ڪري ٿي.

۲. ٿَيءَ تڏِيءَ ڏي ڪِين نِهاري،
پورهئي ۾ ٿي ڏينهن گُذاري،
مِحنَتَ کان سَا ڪِينَ ڏَري ٿي،
سُسُتِي ڪڏهن ڪِينَ ڪري ٿي.

٣- ڪَمَ تي صُبح سَويرَ اُٿي ٿي،
ڪِينَ ڪمائيءَ کان ٿَڪجي ٿي،
سڄَ لَٿي پوءِ گهر وري ٿي،
سُسَتِي ڪڏهن ڪِينَ ڪري ٿي.

٤- مِٺي ماڪي ٻنيو گهرِ لاهي،
اِئين نہ ڇئي ڪِي ٿوري آهي،
ميٺي ماڻهن کانِ ڏري ٿي،
سُسَتِي ڪڏهن ڪِينَ ڪري ٿي.

٥- چوڪرَ، گهُرجي آنکي جائي،
مَکِ جان ڪريو خُوب ڪمائي،
وَجي گُلن لَءِ پَري پَري ٿي،
سُسَتِي ڪڏهن ڪين ڪري ٿي.

## سبق اٺونجاهون

# اَسَان جو اِسْڪُولُ



اَحْمَدْ. عَزِيزَ! هٿ ۾ ڳوٿري ڪنيو، ڪاڏي ٿو وَڃين؟

عَزِيز. اَدا، اِسْڪُولَ ڏانهُن وَڃان ٿو. ڳوٿريءَ ۾ ڪِتاب آهن.

اَحْمَدْ. مُون کي پنهنجو اِسْڪُول ڏيکاريندين؟

زيز. ڇو نه، هل ته ڏيکارِيانءِ!

هيءُ اَسان جو اِسڪُول آهي. منجهس چار وڏا ڪمرا آهن. ڪمري ڪمري ۾ هڪڙو ماستر صاحب ٻارن کي پاڙهيندو آهي. هِي ڪلاس اَسان جو آهي. اَسان جو اُستاد هُن ڪُرسِيءَ تي ويهي لِکندو آهي. هي بِنچ ٻارن جي وِهڻَ لاءِ آهن. هُو سامُهون جو ڪارو تَختو پِٽ سان اُڀو تِيَلُ ڏِسين ٿو، تنهن کي بورڊُ چئبو آهي. اُن تي ماستر صاحب، اسان کي حساب ۽ لِکڻ سيکارِيندو آهي. ڪِلاس جي پِٽِيُن تي ڏِسُ ته نقشا ۽ تصويرُون ڪيئن نه ٽنگيُون اَٿن! اُستاد صاحب اَسان کي ڏاڍو پائِيندو آهي

هُو باغيچو جو اِسڪُول جي ٻاهران ڏِسين ٿو، اُتي اَسين سَيئِي شاگرد، وانڊڪائِيءَ جي وَقت، ويهي آرام وٺندا آهيُون. هُو پَريان راند جو مَيدان آهي. اَسين روز سانجهيءَ جو اُتي رانديُون ڪندا آهيُون!

**اَحمد**- عزِيزَ، اَوَهان جي اِسڪولَ ۾ واه جو مَزو آهي! صُبحاڻي ڪان وٺي، آءٌ به تو سان گڏجي هِتي پَڙهڻ ايندُس.

**مشق:**

١. هيٺين شين مان اِسڪُولَ ۽ باغ جون شيُون جدا جدا ڪري ٻڌايو:

نقشا - بينچ - ٻارا - سليٽ - موتيو - ميز - ڪُرسي - چهر - پڙهڻ - ڦوهارو - لوڙهو - گلاب - چاڪ - ٻُوٽا.

٢. هنن سوالن جا جواب ٻُڌايو:

(الف) اِسڪُولَ ۾ ٻار ڇا ڇا ڪندا آهن؟

(ب) بورڊ ڇا جي ڪم ايندو آهي؟

(ج) ٻار رانديون ڪِٿي ڪندا آهن؟

**لفظ:** گوڙ - پاڙهيندو - سامهون - تصويرون - ڀا ڄيندو - باغيچو - وانڪائي..

---

## سبق اوڻهٺيون

# ڪَپهَ ۽ ڪپڙو

اَوهان ٻنيءَ ۾ وَڻَ ڏٺا هوندا! وَڻ ڪهڙا نه سُهڻا ٿا ٿين! ساوا ساوا پن ۽ زردا زردا گُل، ڪهڙا نه وڻن ٿا! وَڻن ۾ ڏينا نڪرن، ته رنگ ساوو هوندو اٿن. ڏينا پچن، ته رنگ منجهو سائيرڙو ڳاڙهو ٿيو پوين. ڏينو ڦٽيو، ڦُٽي ٿيو پوي. ڏيني جي اندران، ڪير جهڙي اڇي ۽ پٽ جهڙي ڪُنئري شي

نڪريو ٻاهر ٿئي: اُنَ کي ڦُٽي سڏبو آهي، جنهن ۾ ڪَپهَ ٿئي ٿي. اُهي ڦُٽيون تاڻي، ڪپهَ ڌارَ ڪبي آهي، ۽ ڪِڪڙا ڌار. شهرن ۾ ڦُٽين تاڻَڻَ جا وَڏا وَڏا ڪارخانا آهن. غَريبَ ماڻهو پَنهنجَن گهرَن ۾ اَيٽرَنِ ۾ ڦُٽيون تاڻيندا آهن.

ڪَپهَ کي اَيٽَ تي ڪَتي، سُٽُ ٺاهبو آهي. ڪوري، اهو سُٽُ آڏاڻَن تي اُڻِي، ڪپڙو ٺاهيندا آهن. ڪَڪڙا، ڍڳيُن ۽ مينهُن کي کارائجَن، ته اُهي مَتاريُون ٿينديون، ۽ ڪِڪرَ مان مَکَڻُ ۽ ڄامَ نِڪرندن.

اَسان جي سِنڌ مان ڦُٽيُن جا هَزارين مَڻَ ٻين مُلڪن ڏانهن موڪليا آهن، جتان اُنهَن مان ڪپڙو ٺهي ايندو آهي. ٿورو گهڻو ڪپڙو، سنڌ ۾ به ٺهندو آهي. ٻين مُلڪن ۾ ڪپڙي ٺاهڻ جا وڏا وڏا ڪارخانا آهن. اسان جي وَطن پاڪِستان ۾ به هاڻي اهڙا ڪارخانا وڌندا وڃن ٿا.

**مشق:**

١. هيٺيان جُملا پڙهو:

(الف) ڪِيرَ جهڙي اڇي

(ب) پَٽَ جهڙي ڪُنئري

(ج) ٻوٽو جھڙو ڪارو.

(د) پٿر جھڙو سخت.

۲. هنين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) ڪپهه جي ٻوٽي جو نالو ڇا آهي؟

(ب) سانئيءَ ڦٽيءَ کي ڇا چئبو آهي؟

(ج) ڪپهه مان سُٽ ڪيئن ٺاهبو آهي؟

(د) سُٽ مان ڪپڙو ڇا تي ٺاهيندا آهن؟

لفظ: وَنْوَڻ - زَرْدَو - سائيرڙو - ڪُنڙي - تاڻو - اَيْنِٽري - ڦُٽيون - آڏاڻن.

---

## سبق سٺيون

# ڪپڙا

اَسين ڪپڙا اِنهيءَ ڪري پايون ٿا، ته اَسان جو بُتُ ڍڪجي، نه گرميءَ ۾ گرمي لڳيئون، نه سرديءَ ۾ سردي.

ڪپڙا گھڻو ڪري سُٽ يا اُنَ جا ٺهندا آهِن. سُٽ، ڪپهه مان ٺهي ٿو، جا هِڪ قِسم جي ٻُوٽن مان پيدا ٿئي ٿي. اُنهن ٻُوٽن کي 'وَنْوَڻ' ڪري ڪوٺبو آهي. اُنَ، رِڍن جي وارن مان پيدا ٿئي ٿي. ڪن هنڌ وَرِي، ڪپڙا سِڻيءَ، مِلس يعني اُن جي وارن، جانورن

جي کلن ۽ وَڻن جي سَنهن ڇوڏن مان ٺاهيندا آهن.

سُٽَ جا ڪَپڙا ٿڌا ٿِين ٿا، ۽ اُنَ جا ڪپڙا گَرم ٿين، گَرم مُلڪن جا ماڻهُو اُنَ جا ڪپڙا ڪين ڍڪين، ۽ سَرد مُلڪ جا ماڻهُو وَرِي سُٽَ جا ڪَپڙا ڪِين پائين. اَسان جي مُلڪ ۾ سياري ۾ ٿَڌِ ٿيندي آهي، ۽ اونهاري ۾ وري ڏادي گَرمي ٿيندي



آهي، جنهن ڪري، سياري ۾، اُوني ڪپڙا ڪندا آهيون، ۽ اونهاري ۾ سوٽي ڪپڙا. ڪن ڪن مُلڪن ۾ اهڙي ٿڌ پوندي آهي، جو اُنَ جا ڪپڙا به سِيءُ ڪِين جهلين! اُتي، مَاڻهُو اُنَ جي ڪپڙن مَٿان، پوسِتينُون يعني جانورن جي کَلُن مان ٺهيل پوشاڪون پَهرِيندا آهن.

ڏٺيءَ، جانورن ۽ پکين کي ٻه، سندن گهرج سارُو، پنهنجي پنهنجي پوشاڪ ڏني آهي، جا آهي ڪُنب يا وارَ. اهڙيءَ طَرَح، مَڇين ۽ ٻين پاڻيءَ ۾ رَهندڙ ساهَوارَن کي وَري ڇِلرَ ڏِڪايا اٿس!

مشق:

١، اَسين ڪپڙا ڇو ٿا پايون؟
٢، ڪپڙا ڪهڙين ڪهڙين شين مان ٺهندا آهن؟
٣، ڪهڙا ڪپڙا گرم ٿين؟
٤، جانورن جي کلن مان ٺهيل ڪپڙن کي ڇا ڇئبو آهي؟
٥، پکين، جانورن ۽ مڇين کي، ڏٺيءَ ڪهڙي پوشاڪ ڏني آهي؟

لفظ: پهر ينڌا- پوستينُون - گهرجَ.

* * *

پُورو ٿيو

هي ڪتاب محمد ابراهيم جويي، سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ،
سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد (سنڌ) ۾ ڇاپيو ۽ شايع ڪيو.

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال، اسٽيشن روڊ،
حيدرآباد سنڌ.